

# ساهِتيه سِرجَڻُ

ستيش روهڙا

# ساهِتيہ سِرجَڻ

(ساهتڪ مضمون)

ستيش روهڙا

This book is scaned and uploaded by Sindhi Sangat for the benefit of Sindhi community.
email: SindhiSangat@gmail.com

All the articles are linked on Index page. Click the desired article to read and it will be opened. call 9821473200

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر - ٣.

## سلسلو


- دائم اُداسيءَ جو شاعر-پريم پرڪاش ٨
- محيش نيڻوانيءَ جي ڪوتا ۾ جدت ١٦
- دشمنيءَ جي دانهن - شريڪانت 'صدف' ٢٣
- ڪرشن کٽوانيءَ جو انداز-بيان ٢٧
- منگهارام ملڪانيءَ جي ٻولي ۽ عبارت ٣٥
- سونهن ۽ سرهاڻ جو شاعر-دلگير ٥٥
- ڪلياڻ آڏوانيءَ جو شاه جو رسالو ٦٣
- سنڌي ٻوليءَ جو اپياس ٧٥

(شري ڄڄمت مل ڀاوناڻيءَ جي ليک جي ڇنڊڇاڻ)

- سرل سنڌي لپي-هڪ آپگهاتي قدم ٨٣
- چنتن ايڪيهن صديءَ جي ڀاشا جو ٨٩
- ساهت سرجڻ جو سَرچشمو ٩٥

ستيش روهڙا جا سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻيا ڪتاب

– ٽپسوي ونوبا، ١٩٥٧★
(جيوني)

– ڀاشا سنڌي ڀاشا، ١٩٧١★
(مقالا)

– سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا، ١٩٧١★

– رشتو، ١٩٨٩★
(ڪهاڻيون)

– ڇنڊڇاڻ، ١٩٩٥
(تنقيدي مضمون)

– اونده جو سڄ، ١٩٩٧★
(ڪهاڻيون)

– ڪوتا ڪان ڪوتا تائين، ٢٠٠٠
(ڪوتا جي وهنوارڪ آلوچنا)

– ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان، ٢٠٠١

– ڪٿا ڪان ڪٿا تائين، ٢٠٠٢
(ڪٿا ساهتيہ جي وهنوارڪ آلوچنا)

– ڀاشا، ساهتيہ ۽ سماج، ٢٠٠٣
(تنقيدي مضمون)

– ڪلچرل باءِ پاس سرجري (سنڌي) ٢٠٠٣
(سنڌي سنسڪرتيءَ تي ننڍا ليکہ)

– ڪلچرل باءِ پاس سرجري (هندي) ٢٠٠٤
(سنڌي سنسڪرتيءَ تي ننڍا ليکہ)

★ خلاص ٿي ويل.

## ساهتيہ سِرجَڻُ ۽ ’اَکر‘ جي اَمرتا

’ساهتيہ‘ جي سڀ کان سَولي ۽ شايد سڀ کان بي عيب وَصف اِها آهي تہ ’ساهتيہ شبد ڪلا آهي‘. مطلب تہ ساهتيہ ۾ ’شبد‘ آهن جيڪي ڪلاتمڪ ڍنگ سان جوڙيل يا رچيل آهن. هتي ’شبد‘ سموري ٻاشا لاءِ ڪم آيو آهي ۽ انهن جي ڪلاتمڪ رچاوَ کي ڇئجي ٿو شَئلي يا عبارت. ان ڪري ساهتيہ سرجڻ، ٻاشا ۾ ٻاو جو اظهار آهي. ان ڪري ڪنهن بہ ساهتڪ رچنا جا مکيہ عناصر آهن - ٻاو ۽ ٻاشا - شَئلي. ’ٻاوَ‘ اَمورت آهي جيڪو ٻاشا شَئلي ۾ مورت روپ ڌارڻ ڪري ٿو. هرڪو ساهتڪار موضوع خواه پنهنجي سڀاو جي انوسار ٻاشا-شَئلي جو استعمال ڪري ٿو.

هن مجموعي جا گهڻا مضمون ساهتڪارن جي ٻاشا شئلي تي لکيل آهن. جيئن - منگهارام ملڪاڻيءَ جي ٻولي ۽ عبارت، ڪرشن کٽواڻيءَ جو انداز-بيان وغيره.

’اکر‘ لفظ سنسڪرت جي اکشر ’अक्षर‘ لفظ جو بدليل روپ آهي. ’क्षर‘ لفظ جو سنسڪرت ۾ مطلب آهي نشٽ يا ناس. ان موجب ’अक्षर‘ جو مطلب آهي جيڪو نشٽ نہ ٿئي. ان ڪري ايشور جو هڪ نالو ’अक्षर ब्रह्म‘ بہ آهي؛ مطلب تہ جيڪو ڪڏهن بہ ناس نہ ٿئي.

ان ڪري ’اڪر‘ خاص ڪري لکيل ’اڪر‘ اُوناشي يا اَمر آهي بشرطيڪ ان ۾ ڪو تتُ يا سَتُ هجي. اِن ڪري ئي اَڄ ڪان هزارين سال اول چيل اڪر (گفتا) ويد، گيتا، رامايڻ وغيره اڄ به موجود آهن - هڪ طرح سان اَمر آهن.

’اڪر‘ لفظ سان واسطيدار هن اُپٽار جو هڪ مقصد آهي. هن مجموعي ۾ منهنجا ڪي اهڙا مضمون به آهن جيڪي اڄ ڪان ۴۰-۴۵ سال اَول جا لکيل آهن. سوال آهي تہ اهڙن مضمونن جي اڄ ڪهڙي واسطيداري آهي؟ ان جو جواب اهو آهي تہ ڊاڪٽر سورلي دواران ۱۹۴۰ ۾ شاه بابت ڪيل ٽيڪا اڄ بہ اوتري ئي واسطيدار آهي جيتري ان وقت هئي. يا ان ڪان بہ اول ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ دواران ۱۹۲۱ ۾ لکيل ’مقدمہ لطيفي‘ اڄ بہ اوتري ئي اهميت رکي ٿي جيتري اها ان وقت رکندي هئي، جنهن وقت اها ڇپي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ ان جي اهميت وقت گذرندي اڃان بہ وڌي. ان ڪري ڇڱو وقت اول لکيل هئڻ جي باوجود جي اکرن ۾ ڪو تتُ - سَتُ سمايل آهي تہ اُهي اڄ بہ اوترائي واسطيدار ۽ اهميت ڀريا آهن جيترا ان وقت هئا جنهن وقت اُهي لکيا ويا هئا.

مون کي وشواس آهي تہ سنڌي ادب جو گنڀيرتا سان ابياس ڪندڙن کي هيءُ مضمون هڪ ڪان وڌيڪ دفعا پڙهڻ لاءِ آماده ڪندا ۽ کين اَدبي سُڪون بخشيندا.

— ستيش

## كتاب بابت...

سنڌي ٽائيمس پبليڪشن جي هر وقت اها ئي ڪوشش رهي آهي تہ سنڌي ادب جي هر صنف جا ڪتاب ڇپايا وڃن.

ڪهاڻي، ان ۾ آسانند مامتورا، امرلال هنڱوراڻي جون ڪهاڻيون، هتان هُتان گڏ ڪري هڪ مجموعي ۾ آنديون ويون. جئين پڙهندڙ خاص طور ادب ۾ کوج ڪندڙن کي سهوليت ٿئي. امرلال هنڱوراڻي جون ڪهاڻيون جي لکيل ٿوريون هونديون بہ ڪا ڪٿي ڇپيل هئي تہ ڪا ڪنهن رسالي ۾ اهو سڀ ڪٺيون ڪري هڪ مجموعي 'ادوعبدالرحمان' نامي هيٺ هڪ ڪتاب ۾ ڏنيون ويون.

ان بعد گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون، جي بہ ڪنهن هڪ هنڌ ڪونہ هيون اهي سڀ هڪ هنڌ ''اها بہ ڪا ڪهاڻي آ..'' ۽ ''اڳتي قدم'' ٻن مجموعن ۾ ڏنيون ويون.

ائين سندس نندا نائڪ، 'گستاخي معاف' ۾ ڏنا ويا آهن.

سنڌي ڪوتا ۾ نارائڻ شيام، هري دلگير جا ڪوتا سنگره شايع ڪيا ويا تہ گوبند مالهي جي آتم-ڪٿا (پنجن ڀاڱن ۾) ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي جي آتم ڪهاڻي ''ڪجھہ ٻڌايم ڪجھہ لڪايم'') ڇئن ڀاڱن ۾ بہ ڏني ويئي. مضمونن جا بہ ڪي مجمڪا ڏنا ويا آهن.

ويچار هو تہ سنڌي ٻولي بابت، ڀاشا وگيان بابت ڪو يا ڪي ڪتاب ڏنا وڃن. ان ويچار هيٺ ڊاڪٽر ستيش روهڙا

ڪي عرض ڪيو ويو هو.

پر هن صاحب پاشا وگيان بابت ڪتاب نہ ڏئي جدا جدا وقتن تي الگ الگ ڪتابن تي لکيل پنهنجا آلوچناتمڪ ليک ڏنا، وري بہ سڪر سندس لکيل ڪجهہ مواد تہ سنڌي ٽائيمس کي ڇپڻ لاءِ ڏنو جنهن لاءِ اسان سندس شڪرگذار آهيون.

هن قسم جو هڪ ڪتاب شري نند ڇڳاڻي جو لکيل ڪتابي سمالوچنائون ”ڪٽيون“ ڪتاب ۾ ڏئي ڇپايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جٽڪ هي ٻيو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ بہ مهيش نيڻواڻي جي ڪوتا تي بہ لکيل آهي تہ شري ڪرشن ڪٽواڻي بابت بہ راءِ آهي.

شري ستيش روهڙا سنڌي پڙهندڙن ۾ هڪ ڀاشا وگيان ۽ آلوچڪ طور وڏيڪ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو جيتوڻڪ هن صاحب ڪجهہ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن جي ڪتابي صورت ۾ آيل آهن. هن ڪجهہ ڪوتائون بہ لکيون آهن. پر اسان سنڌي ٽائيمس طرفان سندس لکيل ڪتابي سمالوچنائون هٿ ڏئي رهيا آهيون. اُميد تہ هي ڪتاب پڙهندڙن کي پسند پوندو. هن قسم جي ڪتابن جي بہ ضرورت آهي خاص طور نئين ٽهي، لاءِ ۽ ادب جي اڀياسين لاءِ ۽ بس.

- نارايڻ ڀارتي

مکيہ سمپادڪ

پهرين آگسٽ ٢٠٠٥،

٥٦، هيرا هائوسنگ سوسائٽي،

اُلهاسنگر-٣. فون : 2550575

# دائم اُداسيءَ جو شاعر - پريم پرڪاش
## (مَنُ ميلاپ، پڳت ۽ ڪلڪتو جي حوالي ۾)

چوندا آهن ته ’حساس دل شاعريءَ جو گهر ٿيندي آهي‘ ۽ هر رچناڪار حساس دل ٿيندو آهي. ان ڪري هر رچناڪار جي اندر ڪوي سمايل هوندو آهي پر نثر جي ڪنهن شاخ سان پختي نموني جڙيل هئڻ سبب ڪيترا رچناڪار رڳو ليکڪ ئي سمجهيا ويندا آهن. ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي حوالي ۾ به اها ڳالهه سچي آهي. پريم پرڪاش سنڌي ادب ۾ هڪ ناٽڪ ڪار جي روپ ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪهاڻين جو به ذڪر ٿي وڃي ٿو پر پريم جي ڪوي روپ ڏانهن اديبن خواه نقادن جو گهٽ ڌيان ويو آهي.

تازو رچنا جي ٥٨ پرچي ۾ پريم پرڪاش جو ٽي وڏيون ڪوتائون - ’من ميلاپ‘، ’پڳت‘، ۽ ’ڪلڪتو شهر‘ شايع ٿيون آهن جن جي پڙهڻ سان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ناٽڪ ڪار جيان پريم جو ڪوي به مخصوص ۽ سمرٿ آهي.

سنڌيءَ ۾ اول به وڏيون ڪوتائون لکيون ويون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن هاڻي به لکجن پيون ٿيون پر جهڙيءَ طرح وقت جي دٻاءَ سبب ڪهاڻي ننڍي ٿيندي ٿيندي مني ڪهاڻي بڻجي پئي آهي تيئن ڪوتائون به عام طرح سان ننڍيون بڻجي ويون آهن. اهڙي ماحول ۾ وڏيون ڪوتائون لکڻ هڪڙو خوبصورت ادبي ڪارنامو آهي، جنهن لاءِ پريم داد لهڻو.

هيءُ ڪوتائون نئين ڪوتا جي فارم ۾ آهن ان ڪري موزون شاعريءَ جي ماپن - ماڻن (بحر-وزن، قافيه رديف وغيره) سان هنن جي ڪٿ - ماپ ڪرڻ ممڪن نه آهي؛ ۽ نئين ڪوتا جا اچا ڪي

پڪا ماڻ - ماپا موجود به نه آهن جن جي آڌار تي هنن ڪوتائن جي چنڊ - ڇاڻ ڪري سگهجي. جوڻن به هر ڪوتا رڳو پنهنجي حوالي پر ئي ماپي - سگهبي آهي. ان ڪري هنن ننڍي ڪوتائن جي به الڳ الڳ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي. پر پيڇن جي محدودگيءَ سبب هتي ننڍي ڪوتائن جي گڏي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي.

’من ميلاپ‘ اڳين تہ ڌارمڪ ايڪتا جهڙي پرچاري موضوع تي لکيل ڪوتا آهي جيڪا پڙهي به هڪ سرڪاري جلسي پر ويئي آهي پر ان هوندي به جيءَ ڪوتا، نہ ڪوتا آهي، پرچاري ۽ سرڪاري ڪوتا نہ آهي. اها ڪوتا پڙهي، اهو بيحد شدت سان احساس ٿئي ٿو تہ ڪي نظر نہ ايندڙ شيطاني هٿ، چپ چاپ انسان جي اندر پر نفرت جي باه رکي ٿا وڃن جيڪا باه اندر جي مڙني انساني جذبن (جيڪي جذبا نانڪ، ڪبير، ٽئگور وغيره جي روپ پر اظهار پائين ٿا) کي جلائي خاڪ ڪري ٿي ڇڏي ۽ انسان اهڙو وحشي جانور بڻجي ٿو پوي جيڪو گهر، گهٽي، ڳوٺ، شهر ۽ سڄي ملڪ کي ڪاسائي گهر بڻائي ٿو ڇڏي. هنن سيني ڪاسائي گهرن مان هڪ ئي رنگ جو خون وهندو ٿو رهي. شاعر اهو سوچي اُداس آهي تہ حالي ڌرتيءَ تي نانڪ، ڪبير، ٽئگور، خسرو، قران، گيتا، بائيبل ڌرم، ايمان، سيپتا سنسڪرتي، ڪجھ نہ بچندو. سڄي ڌرتي لاشن سان ڇانئجي ويندي ۽ ڌرتي تي اهڙا جانور ۽ پکي وڃي بچندا، جيڪي پنهنجي ذات کي نہ کائيندا آهن؛ پر .... پر شاعر هڪ دفعو بس هڪ دفعو هر انسان سان ڀاڪر پائي گلي ملڻ ٿو چاهي هڪ اميد سان تہ متان هنن جا من ملي پون - متان وري انسان جي اندر جو نانڪ، ڪبير، ٽئگور جاڳي پوي ۽ ڌرتيءَ تي ’انسان‘ نالي وارو جيو بہ بچي وڃي!!

’من ميلاپ‘ ڌارمڪ ڪٽرتا ۽ فرقيپرستيءَ سبب پيدا ٿيل وحشت ۽ وحشانيت جي پيڙيل انسان جي درد ڀري ڪوتا آهي.

’من ميلاپ‘ پر سموري ڀارتي جنتا (۽ فرقيپرستيءَ کان پيڙيل

هٽي ٿو ۽ ان جي سرّوديسي-سروڪالي ڳڻ کي ڳڇائي ٿو.

ساهت سرجڻ جو هڪ اهم عناصر آهي ڳتي شيل جيون انڀو يا ڳتي شيل جيون درشٽي. ڳتي شيل جيون انڀو رڳو ساهت سرجڻ ۾ ممڪن آهي. ٻيون للت ڪلائون - اسٿر انڀو يا اسٿر جيون درشٽيءَ جون ڪلائون آهن جيڪي ڪُٽڪ انڀو کي اظهار ڏين ٿيون. ان حوالي ۾ ساهت جي هڪ روپ ناٽڪ جو بيان ڪرڻ ضروري آهي. ناٽڪ جيستائين پڙهڻ جي اسٿتيءَ ۾ آهي تيستائين اهو ساهت جي ٻين صنفن جيان ئي ڳتي شيل جيون انڀو سان جڙيل ٿئي ٿو پر جڏهن اهو اسٽيج تي پيش ڪرڻ جو روپ وٺي ٿو يا اسٽيج تي پيش ٿئي ٿو تڏهن اهو ترت يا ڪُٽڪ انڀو جي رچنا بڻجي پوي ٿو ۽ ان جو ساهت سان ناتو ڪٽجي وڃي ٿو. اهو ناٽيہ ڪلا (Dramatics) جو حصو بڻجي پوي ٿو ۽ 'ناٽيہ ڪلا' پنهنجو پاڻ ۾ هڪ الڳ ڪلا انتظام آهي. انگريزيءَ ۾ ان ڪري 'ڊراما' ۽ 'پلي' ٻہ شبد آهن. 'ڊراما' کي ساهت ۾ شمار ڪجي ٿو پر 'پلي' ناٽيہ ڪلا جو روپ آهي. هوئڻ سنسڪرت ساهتيہ ۾ بہ ناٽڪ کي ڪاويہ يعني ساهتيہ کان الڳ ليکيو ويندو آهي.

هتي اهو ڌيان رکڻ گهرجي تہ ٻاهريون جڳت - پرڪرتي ۽ سماج، رچناڪار جي سرجڻ شڪتيءَ ۾ ولوڙ پيدا ڪرڻ جا ڪارڻ آهن، اُهي سرجڻ جا هيتو نہ آهن. انهن اسٿتين جي ضرورت رهي ٿي جو ڳتي شيل جيون انڀو جي يڪوجودگيءَ کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ اُهي لازمي آهن. مثال طور پريم، ايرکا، لالچ وغيره من جا مڙيئي ڀاو رڳو ٻاهرئين جڳت جي نسبتي حوالي ۾ اظهار پائين ٿا. ڪنهن هڪ شخص جي پريم يا لالچ جي ڀاو جو اظهار ڪرڻ لاءِ ٻين شخصن جي ضرورت آهي، پر ان هوندي بہ ٻين شخصن کي ساهت سرجڻ جو سرچشمو نہ سمجهبو. ساهت سرجڻ جو سرچشمو تہ ساهتڪار پاڻ آهي. ان ڳالهہ کي سمنڊ جي تشبيهہ سان سولو سمجهي سگهبو. سمنڊ

دنيا جي هر حصي جي ماڻهن) جي درد جي داڻهن آهي پر ’پڳت‘، رڳو سنڌي جاتيءَ جي درد جو داستان آهي ان ڪري ’پڳت‘ ڪوتا ۾ وڌيڪ گهرائي ۽ شدت آهي.

’پڳت‘ ڪوتا هڪ اهڙي سوز پرئي، گيت مثل آهي جيڪو پڙهڻ سان دل ڳوري ۽ اکيون آليون ٿينديون آهن پر ان هوندي به اهو گيت وري پڙهڻ تي دل ٿيندي آهي جو اهين ڪرڻ سان من کي ڏوپهجندو آهي، من کي وڌيڪ صاف ٿيندو آهي؛ من کي وڌيڪ هلڪو ٿيندو آهي.

’پڳت‘ سنڌي جاتيءَ جي سموري تهذيبي تاريخ جو بيان آهي. سنڌي جاتي جيڪا ملڪ جي ورهاڱي سبب پنهنجين پاڙن کان پٽجي هندستان ۾ تهذيبي طرح سان ننڍڙکي جاتيءَ جي روپ ۾ اُسري رهي آهي ۽ جنهن وٽ گذريل پنجيتاليهه سالن جي سانسڪرتڪ حاصلات جي روپ ۾ هڪ ئي شئہ آهي ۽ اها شئہ آهي ’دولت‘ يا ناڻو. اڄ سنڌي جاتي پنهنجي بڻ-بنياد، پنهنجو اتهاس، پنهنجي پرمپرا پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتي، پنهنجا ملهه ۽ قدر، پنهنجا وشواس ۽ مڃتائون وساري، وڃائي پنهنجي وجود جي پوئين پهر جي پڳت وجهڻ جي تياري ڪري رهي آهي. ڪي پيارا جاتيءَ جي سانسڪرتڪ ورثي کي جوڙي رکڻ جي - بچائي رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر سندن اُهي ڪوششون گرم واريءَ جي گهر جوڙڻ جهڙيون آهن جن گهرن تي نوان سنڌي ڏنوان ناڻو ڏکي پنهنجي ۽ پنهنجن وڏن جو ناڻو اُڪرائڻ لاءِ ايندا پر حاليالت ۾ سنڌي ٻوليءَ (ساهت، ڪلا وغيره) جي پومڪا سنڌي جاتيءَ جي ڪفن - دفن وقت، ٻائڻ-ٻالهائڻ، چوڻ تائين محدود رهجي ويئي آهي - يعني سنڌي جاتي پنهنجي تهذيبي زندگيءَ جي پوئين پهر تي اچي پهتي آهي.

سنڌي جاتيءَ جي تهذيبي سنڪٽ کي اُجاگر ڪرڻ واري هيءَ

هڪ دلسوز ڪوتا آهي. جيڪا پڙهندڙ کي هڪ پل لاءِ ئي سهي، پنهنجي ماضيءَ ڏانهن مڙي نهارڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. ۽ اها هن ڪوتا جي وڏي حاصلات آهي.

’ڪلڪتو‘ هندستان جي مشهور شهر ڪلڪتي تي لکيل ڪوتا آهي، جيڪا ڪلڪتي جي ان اونداهي اتهاس ڏانهن اشارو ٿي ڪري، جيڪو فرنگين جي بوٽن هيٺان لتاڙيل ڪلڪتي جي غلامي ۽ ذلت جو اتهاس آهي. ڪلڪتو ڪڏهن هڪ شاد - آباد شهر جي روپ ۾ ڪليو هو ۽ پوءِ ڪلڪتو ڪليو هو آخرين بار اها خوفناڪ ڪِل جيڪا ڪِل ڪيڪڙائيندڙ آواز ۽ نيرا داغ ڇڏيندي هر جڳهه، هر شخص، هر جذبي تي ڇانئجي ويئي آهي. ڪوي هڪ دفعو بس پڇاڙيءَ جو هڪ دفعو کِلڻ چاهي ٿو هن ڪلڪتي شهر ۾، هن ڪلڪتي شهر تي جيئن پاڻ کي روئڻ کان بچائي سگهي جو تہ ڪلڪتي جي هن حالت تي روئڻ کان بچڻ جو اهو ئي هڪ اُپاءُ آهي.

موضوع جي عليحدگيءَ جي باوجود هنن ڪوتائن ۾ ڪيتريون هڪجهڙايون آهن. ٽيئي ڪوتائون من ۾ هڪ طرح سان اُداسيءَ جو ڀاو پيدا ڪن ٿيون. هڪ اهڙي اُداسي، جيڪا ڏک، نراشا، خود قياس (Self Pity) جهڙن ڀاون جو گڏيل روپ آهي. ڪوي اهڙين آشاوادي ڪونهي پر سندس اميد جو پالاند بنہ خالي ڪونهي. ’من ميلاپ‘ ۾ هو آخرين هڪ دفعو گلي ملڻ جي ڳالهہ دهرائيندو ٿو رهي ۽ ’پڳت‘ ۾ پڻ اها ئي هڪ دفعي جي ڳالهہ موجود آهي. /هڪ دفعو پيئنداسين/رات جي پوئين پهر ۾ پڳت وجهنداسين/ ۽ ڪلڪتي ۾ اهڙو ئي احساس آهي جڏهن ڪوي ’هڪ دفعو-بس پڇاڙيءَ جو هڪ دفعو، کِلڻ ٿو چاهي.

نئين ڪوتا گهڻو ڪري ناڪاري ڪوتا رهي آهي. هنن ٽنهي ڪوتائن جو نوع بہ ناڪاري يا وجود وروڌي آهي.

/نہ جاتي رهڻي آهي/نہ قوم رهڻي آهي/نہ ڪا سنسڪرتي

رهڻي آهي/نه ڪا تهذيب رهڻي آهي/نه ڪو مذهب رهڻو آهي ('من ميلاپ')/ منهنجو اندر نه ڏسج/ منهنجو احساس نه ڏسج/منهنجو ويچار نه ڏسج/منهنجو وشواس نه ڏسج/منهنجا قدر نه ڏسج/منهنجو آتم نه ڏسج/ ('ڀِڳت').

/نه هي شهر ٻاري نه ڪلندو آهي/نه ئي اُهو/ڪنهن ٻئي تي ٻاري ڪلندو آهي/ ('ڪلڪتو شهر').

وڏين ڪوتائن ۾ عام طرح سان هڪ ڪٿا سوتر هوندو آهي جيڪو ڪوتا کي اڳتي وڌائيندو آهي. ان ڪري اهڙين ڪوتائن جو چڱو حصو بياني ۽ دهراوت وارو هئڻ سبب گهٽ ڪوتامير هوندو آهي. پريم جي هن ڪوتائن ۾ هوئڻ ڪا ڪٿا ڪانهي، پر هر ڪوتا جا شروعات وارا اظهار ڪوتا ۾ ڪٿا جهڙا آهن ۽ دلچسپي پيدا ڪن ٿا. پالڪ جي اندر اڳتي جاڻڻ جي خواهش پيدا ٿيئي ٿي. جيئن 'من ميلاپ جو پهريون ٽڪرو/ اڄو هڪ وار گلي ملي ولون/ ممڪن آهي اسان جا من ملي پون/ يا 'ڪلڪتو شهر' ڪوتا جو پهريون اظهار جيئن/ بس حالي هن شهر ۾ مون کي ڪلڻو آهي/. 'ڀِڳت' ڪوتا جو پهريون حصو به اهڙي ئي دلچسپي پيدا ڪندڙ آهي/ ڪنهن هڪ شام ضرور وهنداسين/دير رات تائين پيئنداسين پوئين پهر ملي اسين/هڪ ڀِڳت وڄنداسين/. ڪٿا نه هوندي به پريم جي ڪوتائن ۾ بيانن جو پرتو نِسبتن تمام گهٽ آهي، ها، دهراوت ضرور آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تمام گهڻي آهي، پر گهڻين حالتن ۾ اها پڙهندڙن کي ڪلائيميڪس يا ڀاو اَنيوتيءَ جي چوٽيءَ تائين پهچائڻ کان اول ساهه کڻڻ جو موقعو نئو ڏئي. هن قسم جي رچنا هئلي پريم جي نجي خاصيت آهي، جيڪا سندس ناٽڪن ۽ ڪهاڻين ۾ به موجود آهي. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته پريم جو ناٽڪ ڪار هنن ڪوتائن ۾ به موجود آهي. ناٽڪ جي هڪ ٻئي عناصر-درشيه رچنا جو به هنن ڪوتائن ۾ ڀرپور استعمال ڪيو ويو

آهي. مثال طور ’ڀڳت‘ ڪوتا پڙهڻ سان ائين ٿو لڳي ته اسين ڪوتا پڙهڻ جي بدران ڪو مونولاگ ڏسي رهيا آهيون.

هنن ڪوتائن جي هڪ وڏي خاصيت آهي-رواني. عام طرح سان نئين ڪوتا ۾ به ڪا ويچار-ڀاو جي لئه ڏسڻ ۾ ايندي آهي پر رچنا جي رواني سلي موزون شاعريءَ جي خاصيت آهي. پريم جي ڪوتائن ۾ سوال لفظ، ننڍا-سوال جملا، جملن جي ڌهراوٽ، ڌهراوٽ سان گڏ جذبن جو اُڀار، اهڙيون خصوصيتون آهن جو بحر-وزن جي بنڌنن کان پري هجڻ جي باوجود ڪوتا ۾ باوزن ڪوتا جهڙي رواني ۽ لئه پيدا ٿي ٿئي.

هنن ٽنهي ڪوتائن ۾ سڀ کان وڏيڪ اثردار ۽ ڪوتاميه ڪوتا آهي ’ڀڳت‘ ۽ گهٽ ڪوتاميه آهي ’من ميلاپ‘. اَثر جي خيال کان ڏسجي ته ’ڪلڪتو شهر‘ ٻين ٻن ڪوتائن جي بنسبت گهٽ اثردار ڪوتا آهي.

ڪنهن به ڪوتا جي ڪوتاميه ۽ پرڀاو شالي هجڻ جو آڌار آهي ان جي ڀاو-رچنا ۽ شبد-رچنا تي. ڀاو رچنا ۾ ڪاويه روپ جي چونڊ ۽ ان جي اَرٿ-يوجنا (معنائي رچنا) شامل آهي. شبد رچنا ۾ پرتيڪن جي چونڊ، شبدن جو نِسبتي جڙاو اهم آهن. جي ڪاويه روپ لوڪ سنسڪرتيءَ سان جُڙيل آهي ۽ ان جي پرتيڪ يوجنا چاتل ڏراتل تي آهي ته پاٺڪ تائين ڪوتا جي سڌي پهچ ٿئي ٿي، جنهن سبب ڪوتا جو ڀاو جڳت جو پاٺڪ جي انتر جڳت سان آنند انڀوتي ڏيندڙ ناتو جڙي وڃي ٿو. ٻيءَ حالت ۾ پاٺڪ ڪوتا جو آنند سهج ڀاو سان نٿو ماڻي سگهي ۽ ڪوتا سان ڀاو-روپ ۾ ناتو جوڙڻ لاءِ ڪيس ڪوشش يا جفاڪشي ڪرڻي ٿي پوي.

’ڀڳت‘ ڪوتا جو ڪاويه روپ ڪلا جو هڪ نمونو ’ڀڳت‘ آهي. جيڪو سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ جو هڪ لوس روپ آهي ۽ سنڌي لوڪ من ۾ تمام گهرائيءَ سان جڙيل آهي. ان ڪري هن ڪوتا جي سهج

۽ سڌي اپيل آهي. ان جي اُبتڙ ’من ميلاپ‘ جو ڪاويہ روپ ڊرامڪ ايڪتا، هڪ پرورتي آهي جيڪا راڄنيتڪ سرگرميءَ جي پيدائش آهي، جنهن جو لوڪ من سان سهج سنبنڌ نہ آهي. ’ڪلڪتو شهر‘ ڪوتا جو ڪاويہ روپ هڪ محدود ۽ مخصوص روپ آهي جنهن جو سنڌي من سان ڪو جڙاءُ ناهي. ان ڪان سواءِ ڪوتا ۾ اهو ڪاويہ روپ چلو ۽ تز ناهي. ڪوتا ۾ ’تون مون سان گڏ هئينئن‘ اظهار مان جيڪا ڏني نڪري ٿي، ان جو ڪلڪتي شهر ۽ ان جي احساس سان ڪو ظاهر واسطو ڪونهي. ان ڪري ’ڪلڪتو شهر‘ ڪوتا پاٺڪ جي من کي اُداس ڪرڻ جي باوجود ھوڏڪ ڌراتل تي اها پاٺڪ سان جڙي نٿي ۽ ان جڙاءَ لاءِ پاٺڪ کي دماغي ڪلا بازيون کائڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري.

ڀاو رچنا جيان ئي ’ڀڳت‘ ڪوتا جي شبد رچنا ٻين ٻنهي ڪوتائن کان وڌيڪ چست، موزون ۽ پرڀاوشالي آهي. ڀڳت ڪلا روپ جي پرڪريا سان واسطيدار مڙئي عناصر اهڙيءَ طرح استعمال ڪيا ويا آهن جو اهي سڌيءَ طرح سان ڀڳت سان جڙيل هئڻ جي باوجود اڻ سڌي طرح سان سنڪيتي ڀاو جو اظهار بہ ڪن ٿا.

اڳين ٻنهي ڪوتائن جون پنهنجون ڪمزوريون بہ آهن. سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي اظهار جي اهڙي دهراوٽ جيڪا معنيٰ جي بہ دهراوٽ بڻجي ٿي پوي. مثال طور ’ڀڳت‘ ڪوتا ۾/منهنجو نالو نہ پڇ/منهنجي سڃاڻپ نہ پڇ ..... وغيره سٽن ۾ جيڪو ڀاو آهي ساڳيو ڀاو/منهنجو اندر نہ ڏس/منهنجو ويچار نہ ڏس وغيره سٽن ۾ بہ اظهار پائي ٿو. ’من ميلاپ‘ ڪوتا ۾ ڪن هنڌن تي سڌو اپديش آهي جيڪو ڪوتا جي سنڪيتي اثر کي ضرب ٿو پهچائي. ’ڪلڪتو شهر‘ ڪوتا جي وڏي ڪمزوري اها آهي جو ان جي ڀاو-يوجنا ۽ شبد يوجنا ۾ موزون نسبت ڪانهي. ان ڪري نہ رڳو ڪيترن هنڌن تي ڪوتا سمجهڻ ۾ ڏکي ٿي پيئي آهي پر خود

۾ پاو وروڌي بہ ٻڌجي پئي آهي. جيئن/نہ، ھي شھر پاڻ ڪونہ ڪلندو آهي/نہ ئي اھو/ڪنھن ٻئي تي پاڻ ڪلندو آهي/ٻڌجي ھن جو ڪلڻ ممڪن ناهي/. ھتي ٽين سٽ ۾ ڇيل آهي. 'ٻڌجي ھن جو ڪلڻ ممڪن ناهي' جنھن مان اھو سنڪيت ٿو ملي تہ ھو شھر اڪيلو ڪلي سگھندو آهي پر پھرين سٽ ۾ اڳ ۾ ئي ڇيل آهي تہ ھي شھر پاڻ ڪونہ ڪلندو آهي. پھرين ۽ ٽين سٽ جي وچ ۾ ٻين سٽ تہ اڃا بہ غير مطلبي آهي. ھڪ ٻيو مثال بہ ڏسي سگھجي ٿو./ڪڏھن ھي شھر ڪليو ھوندو/تمام گھٽي ڪل/ھڪ ئي محل،/ ھڪ دفعو، آخري ڀيرو/جنھن ۾/مان ڪھڙو ايمان ڪھڙو/شان ڪھڙو ايمان ڪھڙو/ ..... ھتي اھا ڳالھ سمجھڻ ڏکي آهي تہ مان، ايمان، شان، ايمان جھڙن ھم آواز لفظن جي آخري دفعو ڪلڻ جي حوالي ۾ ڪھڙي نسبت آهي؟

ڪيئن بہ 'من ميلاپ' جھڙي جذبي پري ڪوتا، 'ڪلڪتو شھر' جھڙي اُداس ڪندڙ ڪوتا ۽ 'ٻگت' جھڙي ڪوتائيہ ڪوتا پڙھڻ کان پوءِ پريم پرڪاش يعني ناٽڪ ڪار ڊاڪٽر پريم پرڪاش کي ھڪ سٺو ڪوي مڃي قبول ڪرڻ ۾ اميد تہ ڪنھن کي بہ ڪو اعتراض نہ ٿيندو.

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان هندستان لڏي آيل ١٢-١٣ لک سنڌين جو تعداد وڌي ٥٠-٦٠ لک پهچي ٿيو هجي پر هندستان ۾ نون سنڌي رچناڪارن-ليکڪن-شاعرن جو تعداد گهٽجو وڃيو ناهي. وري هندستان ۾ جاول اهڙن رچناڪارن جو تعداد ته اڃان به گهٽ آهي جن سنڌي ادب ۾ پنهنجي ڪا خاص جڳهه قائم ڪئي هجي. اهڙن ٿورن رچناڪارن-خاص ڪري شاعرن ۾، محيش نيٽوالي ۽ جو پنهنجو الڳ درجو آهي. هندستان ۾ جاول-اُسريل نون شاعرن جا نالا کڻڻ شروع ڪبا ته محيش نيٽوالي ۽ جو نالو پهرئين هٿ جي آڱرين تي ئي پنهنجي جاءِ جوڙي وٺندو. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته محيش نيٽوالي، نون سنڌي شاعرن ۾ هڪ اهم داخلا آهي.

محيش نيٽوالي ۽ جو جنم ١٩٥٤ ۾ جام نگر-گجرات ۾ ٿيو هو ۽ بڙودا يونيورسٽي ۽ مان محيش ايم.ايس.سي ۽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. محيش ١٩٧٠ جي آس پاس سنڌي ۽ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ هيلتائين سندس ڪوتائن جا پنج مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جن مان 'مان ۽ مان' (١٩٨٦)، مڌو (١٩٩٠) ۽ هڪ سنسڪرتي غائب ٿي ويندي (١٩٩٤) نين ڪوتائن جا مجموعا آهن ۽ باقي ٻه مجموعا 'چنڊ منهنجو پاڇو' (١٩٩٥) ۽ 'پرياورڻ ۽ پار' (١٩٩٨) ٻال ڪوتائن جا ڪتاب آهن. ★

محيش نه رڳو هندستان ۾ جاول نئين پيڙهي ۽ جو شاعر آهي پر نئين ڪوتا لکندڙ نئون شاعر آهي. محيش جي ڪوتائن کي تمام آساني ۽ سان نئين ڪوتا جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. عام طرح سان نئين

ڪوتا کي ئي جديد ڪوتا سڏيو ويندو آهي. جديد ڪوتا جو مطلب آهي جنهن ۾ جدت هجي. جدت کي هنديءَ ۾ ’آڌونڪتا‘ ۽ انگريزيءَ ۾ ’ماڊرنٽي‘ ٿو چئجي.

جدت جو مطلب رڳو نواڻ نه آهي. جدت جي هڪ خاص معنيٰ آهي جنهن سبب ’جديد ڪوتا‘ ٻيءَ يعني روايتي ڪوتا کان الڳ ٿي بيهي ٿي. محيش جي ڪوتا ۾ جدت جي ڳالهه ڪرڻ کان اول اهو ضروري آهي ته ’جدت‘ يا ادب ۾ جدت جي ٿوري ڇنڊڇاڻ ڪجي.

’ادب ۾ جدت‘ جو مطلب آهي زندگي ۽ ادب کي ڏسڻ جو نئون نظريو جنهن نظريي جو مکيه سُر اناستا يا اوشواس آهي. جدت انهن سڀني آدرشن، اصولن، وشواسن، قدرن، مُلهن ۽ مڃتائن کي رد ڪري ٿي جيڪي ڇپيا وڃن ٿا ته آهن، پر وهنوارڪ زندگيءَ ۾ جيڪي آهن ڪونه. ان ڪري جدت هڪ طرح سان سماج وروڌي نظريو آهي، جيڪو نظريو حقيقت ۾ سماج وروڌي نه آهي پر سڙي-ٻُري ويل بدبودار سماجڪ سرشتي جو ورو‌ڌي آهي.

نه رڳو ويچار جي سطح تي پر اظهار جي سطح تي به جدت، مڃيل، مڙهيل ماپن ۽ ادبي قانونن، لهجي، محاورن استعارن وغيره جي ورو‌ڌي آهي جو اُهي عناصر نئين ڀاو ٻوڌ ۽ احساس جي ايماندار اظهار ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا. اهو سچ آهي ته نئين ڀاو ٻوڌ، نئين ڀاشا شئلي، نون پرتيڪن، عڪس ۽ اظهارن جي استعمال سبب جديد ڪوتا ڪڏهن ڪڏهن منجهيل ۽ سمجهڻ ۾ نه اچڻ جهڙي لڳندي آهي.

حقيقت ۾ جديد يا نئين ڪوتا ۽ پراڻي يا روايتي ڪوتا جي وچ ۾ تمام گهڻو ۽ بنيادي تفاوت آهي. حتي ان ڳالهه جي وستار ۾ وڃڻ جي گنجائش نه آهي پر تمام سولن لفظن ۾ چئجي ته جديد

۾ ڇپيندي آهي. ڪٿا يا درشٽانت جي استعمال جي گهٽتائي، ڊلي سپاٽ بياني، ظاهر هلڪا اُپديش، محيش جي گهڻين ڪوتائن کي 'مني ڪهاڻيون' بڻائي ڇڏين ٿا. لڳي ٿو تہ اها ڳالهہ خود محيش بہ محسوس ڪئي آهي ان ڪري هاڻي هن مرڳوئي ڪوٽيشن ڪوتائون لکڻ شروع ڪيون آهن. 'هڪ سنسڪرتي غائب ٿي ويندي' ڪوتا سنگرهہ جي پهاڙيءَ ۾ اهڙيون ۱۲۳ ڪوٽيشن ڪوتائون ڏنل آهن جيڪي هڪ-ٻن سٽن جون آهن.

محيش جي ٻوليءَ ۾ هنديءَ ۽ گجراتيءَ جو اثر هيٺ سياويڪ آهي؛ پر اهو اثر حد کان ٻاهر ڪونهي. ڪنهن حد تائين اهو اثر سنڌي ٻوليءَ ۾ ايندڙ بدلاءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

اهين ڇوڻ ۾ ڪوبہ وڏائي نہ ٿيندو تہ هندستان ۾ ڇاول-نپنيل، ۽ سنڌي ادبي مرڪزن کان دور رهندي بہ، محيش، ڪوتا، خاص ڪري نئين ڪوتا جي ميدان ۾ جيڪي پرانگهون ڀري اڳتي پهتو آهي ان لاءِ بيحد گهڻي داد جو حقدار آهي.

---

★ اُن کان پوءِ محيش جا هيليان ڪتاب شايع ٿيا آهن 'نيلڪنٺ' (ديوناگري) ۱۹۹۷، 'پرياورڻ' (ديوناگري) ۱۹۹۸، 'تہ' (ديوناگري) ۱۹۹۹، 'اِنڊلٽ سان ڪيڏان' (ديوناگري) ۲۰۰۲، 'Surface of the Sea' (انگريزي)

## دشمنيءَ جي دانهن - شريڪانت ’صدف‘
## (ذهن جا قبيلا جي حوالي ۾)

’ذهن جا قبيلا‘ شريڪانت ’صدف‘ جي غزلن ۽ آزاد ڪوتائن جو مجموعو آهي جيڪو ١٩٩٦ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو هو. اڄ شريڪانت ’صدف‘ جو نالو سنڌي ادب ۾ اڻ ڄاتل نه آهي ڇو ته هن کان اول صدف جي شعرن جا ٻه مجموعا ’نفرت جا گل‘ (١٩٩٠) ۽ ’ناڳڻ جا پر‘ (١٩٩٣) ڇپجي چڪا آهن. ان کان سواءِ ڪيترن رسالن ۾ سندس شعر شايع ٿيندا رهيا آهن. شعر پڙهڻ جي پنهنجي مخصوص انداز سبب شريڪانت ڪيترن ئي مشاعرن ۾ داد حاصل ڪري چڪو آهي ۽ اڄ شريڪانت جي ڳڻپ سنڌيءَ جي سٺن غزل گو شاعرن ۾ ٿئي ٿي.

اڳين ته تنقيد جو واسطو رڳو ڪتاب جي اصلي مَواد سان هئڻ گهرجي پر جهڙيءَ ريت ڪڏهن ڪنهن پوشاڪ ۽ پهرڻ جو ڍنگ ڪنهن جي شخصيت سمجهڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن تهڙيءَ ريت ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪتاب جو عنوان، مهاڳ وغيره ان رچنا جي رچناڪار جي اندر ۾ جهاتي پائڻ جي سهوليت ميسر ڪندا آهن، ۽ رچناڪار جي اندر ۾ جهاتي پائڻ سان سان ڪيترا دفعا سندس رچنا کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي آهي. ان ڪري مان هتي ڪتاب جي عنوان ۽ مهاڳ جو ذڪر ڪرڻ بيجاءِ نٿو سمجهان.

شريڪانت جي غزلن ۽ ڪوتائن جي هن مجموعي جو عنوان ’ذهن جا قبيلا‘ غير فصيح هئڻ سبب ڌيان ڇڪائيندڙ ضرور آهي پر اهو ڏسڻ، سمجهڻ، محسوس ڪرڻ خواه اُچارڻ جي خيال کان نه ته ادبي ذوق وارو آهي ۽ نه وري شعرن سان ڪو واسطيدار آهي.

لڳي ٿو اهو اڙدوءَ جو ڪو پرالو ٿلهو پيلڻ اظهار آهي جنهن مان پرالي روايت پرستيءَ واري سوچ ۽ شاعريءَ جي ٻانس ٿي اچي ۽ اها ڳالهه ڪتاب جو ڪَوَرُ کولڻ سان به ثابت ٿي ٿئي. ڪتاب جي اندرئين ڪَوَر تي هيٺيون به سٽون لکيل آهن.

/مختلف سوچ ۽ دائمي دشمنيون،
ذهن منهنجي ۾ ڪيئي قبيلا هئا./

حيءُ سِٽون جي رڳو ڪنهن غزل جي هڪ بند جي روپ ۾ اچن هان ته پوءِ اها ٻي ڳالهه هئي پر رچناڪار حيءُ به سٽون ڪَوَر تي ڏيئي، پنهنجي سوچ جي مرڪزي نقطي ڏانهن اشارو ڪيو آهي ان ڪري انهن سٽن کي خاص معنيٰ آهي.

شاعر جي ذهن ۾ گهٽائي سوچ هجن (جيتوليڪ سنڌيءَ ۾ سوچ واحد يا هڪڙو ليندو آهي ويچار گهٽائي ليندا آهن) اهو ته سچاويڪ آهي ۽ ان ڪري سندس شعر ۾ سوچ جون انيڪ صورتون اظهار پائين پر رچناڪار جو ذهن جيڪو سندس سوچ ۽ فڪر جو مرڪز آهي ان ۾ 'دائمي دشمنيون' قبيلي جي روپ ۾ رهي ۽ پلجي رهيون هجن ته پوءِ ان رچناڪار جي شاعر جو قد ڪيئن ۽ ڪِٿان اُسرندو؟ ۽ اها افسوس ڀري حقيقت ڪتاب جو مطالعو پڙهڻ سان اُجان به وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي.

ڪتاب جو مطالعو 'پنهنجي ڳالهه' جي سِري سان خود شريڪانت لکيو آهي. ڏيڍ صفحي جي مطالعي جي اڌ صفحي ۾ شريڪانت ٻڌايو آهي ته هو ڏيڍ سال خاموش رهيو - پر اهو نه ٻڌائيندو ته هو ڇو خاموش رهيو ۽ باقي هڪ صفحي ۾ 'عروضي شاعريءَ جو خاتمو' سِري هيٺ انهن اُستاد سڏائڻ جي حيثيت رکندڙ شاعرن تي نقطچيني ڪئي ويئي آهي ته جنن علم عروض تي ڪتاب نه لکيا آهن. شريڪانت کي اهو ڏسي بيحد افسوس ٿو ٿئي ته سنڌيءَ جا ڪي سينئر شاعر اڃان تائين ٽيڪنڪ جون چوڪون پيا ڪن. شريڪانت

جو ڪشادو .../ ڇئي ان حشي کان بچي سگهي ھان. ساڳئي شعر جي ثاني مصرع ۾/شعر سوڙهو هيو، لڳو.../ ۾ 'هيو' ۽ لڳو گڏ ڇوڻ سان معنيٰ ۾ ڪائي واڌ ڪانهي؛ ان کان سواءِ 'هيو' ڇئي بيحٽو پوندو ۽ پوءِ 'لڳو' ڇولو پوندو، ان ڪري رواني ۾ رنڊڪ به پوندي. (اڳين ته 'هيو' نه معياري سنڌي روپ ڪونهي)

هئي شعر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مري وڃڻ جي ناجائز واڌو فتوا جي ڳالھ ڇڏي به ڏجي ته به خيال جو ضربيل هئڻ ظاهر آهي. شعر جي پهرينءَ مصرع ۾ چيل آهي/ ... جڏاري ڪان سگهيا/تنهنجو مطلب ٿي ٿيو ته ٻولي مري ويئي آهي؛ اهڙيءَ حالت ۾ ٻيءَ مصرع ۾ ڇوڻ ته 'ان کي سڪ سان ته مرڻ ڏيو' بي معنيٰ بڻجي ٿو پوي. حقيقت ۾ 'سڪ سان مرڻ' جي ڳالھ رڳو تڏهن واسطيدار ٿيندي آهي جڏهن 'دڪ سان جيئڻ' جو حوالو هجي.

هڪ ٻئي غزل جو مثال ڏسو

/رات ڀر اک کي ڪکڙو خواب ڏنم،
ذهن پنهنجي کي جڻ عذاب ڏنم./

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اهڙو ڪو خواب ڏسي سگهجي ٿو جيڪو زندگيءَ ڀر عذاب يعني تڪليف ڏيندو رهي؛ پر هتي مصرع اول ۾ چيل آهي 'خواب ڏنم'. 'ڏنم' هڪ اهڙو فعل آهي جنهن ۾ ڪوشش ڪري ڪارنامو ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن ڪ خواب بنان ڪوشش خود به خود ٿيڻ وارو ڪارنامو آهي، ان ڪري خواب ڏسڻ جي شئه آهي، ڏيڻ جي نه. ها، خواب به ڏيئي سگهبا آهن، وڪڻي به سگهبا آهن، ڏيکاري به سگهبا آهن پر اهي ڏينهن جا خواب هوندا آهن، ۽ اهڙا خواب جاڳندڙ اک لاءِ هوندا آهن. ان کان سواءِ ثاني مصرع ۾ آيل 'جڻ' لفظ، عذاب جي اثر کي ڪمزور ٿو ڪري جو 'جڻ' جو مطلب هوندو آهي 'ان جهڙو'، ان ڪري هن مصرع جي معنيٰ ٿيندي 'عذاب جهڙو' (يعني عذاب نه) جڏهن ڪ شاعر جي

ائين ته هن شعر ۾ ظاهر ڪيل خيال به بيحد سادو ۽ هلڪو آهي ته جن محبوبائن شاعر کي دل ۾ جاءِ ڏيڻ جي خود آڇ ڪئي، شاعر انهن جي چانئٺ لتاڙي اڳتي نه وڌيو، پر هن شعر جي مصرع ثانيءَ ۾ 'هٽ ۾ دل جو در ڪٿي اچڻ' بيحد ڀرپور اظهار آهي. 'دل جو در' ڪنهن لاءِ 'کوليو' آهي يا 'ٻَنو' آهي، 'دل جو در' هٽ ۾ ڪٿي ڪنهن ڏانهن وڌيو ڪونهي ۽ سو به 'هڪ هٽ ۾'! ها، ڪا پهلوان مزورياڻي هڪ هٽ ۾ در ڪٿي، ڪنهن پٽ ۾ ڪپائڻ لاءِ ويندي هجي ته ٻي ڳالهه آهي.

منهنجي هن وستار جي مُراد اهو ڏيکارڻ ضرور آهي ته، منهنجي خيال موجب هن مجموعي جا گهڻا غزل فن جي خيال کان به ڪَچا ۽ ڪَسا آهن، پر منهنجي هن بيان جو اهو مطلب هرگز ڪونهي ته هن مجموعي ۾ ڪوبه سٺو شعر ڪونهي. هن مجموعي ۾ به ڪي چڱا ۽ ڪي سٺا شعر آهن پر ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سٺا شعر تمام ٿورا آهن. سٺي شعر جو هڪ مثال ڏسو -

/ماضيءَ ڏي ٿو ڏسان ته اچي ياد ٿي نه ٿو،
مون کھڙي موڙ تي اچي مرڪڻ ڇڏي ڏنوا/

هن شعر ۾ ظاهر ڪيل خيال جيتوڻيڪ سادو آهي پر خيال جي فنائتي تڪميل، لفظن جي ربط ۽ آهنگ سبب شعر روانيءَ ڀريو ۽ خوبصورت بڻجي پيو آهي.

هڪ ٻيو مثال به ڏسو -

/آواز جن جو اڄ به پڙاڏن ۾ قيد آ،
تن پنهنجو پاڻ کي ٿي متان سَڏ ڪيا هجن/

هيءَ هڪ بلند خيال ۽ بي عيب ادائگيءَ وارو بهترين شعر آهي جنهن لاءِ شاعر داد لهڻو. هن شعر ۾ اهو خيال ظاهر ڪيل آهي ته گذريل وقت جي مفڪرن ۽ دانشورن، انسان ذات جي روح کي جاڳائڻ لاءِ جيڪي سڏ ڪيا - جيڪي فڪر ۽ فلسفا پيش ڪيا، جيڪي

اڄ بہ ادب ۽ احساس جي ورقن ۾، پڙاڏن جيان موجود آهن، اُهي سڀ خود انهن پنهنجي روح کي جاڳائڻ لاءِ تہ ڪونہ ٿي ڏنا؟ يعني ٻئي جي روح کي جاڳائڻ جي هر ڪوشش پنهنجي روح کي جاڳائڻ آهي.

هن مجموعي جا سمورا غزل پڙهي وڃڻ کان پوءِ مون کي لڳي ٿو تہ شريڪانت، رچنا پرڪريا جي حوالي ۾ هڪ ٻحران مان لنگهي رهيو آهي. هو ڏيري ڏيري پاڻ کي اڙدو غزل جي محاوري کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي پر ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ تي سندس اها دست رس ڪانهي جيڪا سٺي غزل لکڻ لاءِ لازمي آهي ان ڪري سندس رچنا ماڌيم ۾ هڪ قسم جي ڪاهي پيدا ٿي ويئي آهي جنهن سبب گهڻن غزلن ۾ نہ خيال جو ربط آهي ۽ نہ وري ادائگيءَ ۾ آهنگ، جو ان ۾ ڪا دلڪشي پيدا ٿئي؛ پر اهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي تہ شريڪانت جڏهن ان ٻحران مان ٻاهر ايندو تہ سنڌيءَ جي سياو سان واسطيدار وڌيڪ سٺا غزل پيش ڪندو.

هن مجموعي جي ٻئي حصي ۾ ٢٧ آزاد ڪوتائون آهن. ’آزاد ڪوتا‘ لفظ پڙهي اول مون کان ڇرڪ نڪتو هو - جو سنڌيءَ ۾ اهو لفظ يا تہ استعمال نہ ٿيو آهي يا عام واهپي ۾ نہ آيو آهي. سنڌيءَ ۾ ’آزاد نظم‘ ليندو آهي جنهن ۾ رڳو قافيہ کان آزادي هوندي آهي، وزن جي پابندي آزاد نظم ۾ بہ موجود هوندي آهي. رچنا ۾ قافيہ خواه وزن ٻنهي جي پابندي نہ هجي تہ اهڙي رچنا کي نثر کان جدا ڪرڻ لاءِ عام طرح سان ادب لطيف چيو ويندو هو - هاڻي اهڙين ڪوتائن کي ’نئين ڪوتا‘ جو نالو ڏنو ويندو آهي جيتوڻيڪ نيون سڀ‌جندڙ اهڙين گهڻين ڪوتائن ۾ بي ترتيب رکيل سٽن کان سواءِ ٻي ڪا نواڻ ڪانہ هوندي آهي. ان ڪري اهڙين ڪوتائن لاءِ ’آزاد ڪوتا‘ بيحد موزون نالو آهي؛ جو ان نالي سبب ڪوتا، قافيہ ۽ وزن جي ٻنڌن کان آزاد هئڻ جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ

پنهنجن مٿان ’نئين‘ جو ليبل لڳائڻ جي مجبوريءَ کان بچي ٿي وڃي. ان ڪري ’آزاد ڪوتا‘ جو نالو ڏيئي صدف اهڙين ڪوتائن جي سڃاڻپ آسان ڪري ڇڏي آهي جن ۾ قافيہ ۽ وزن جي پابندي ڪانهي ۽ جن ۾ نئين ڪوتا جي شعوري اوچائي ۽ علامتي ادائگيءَ جي لازميت ڪانهي.

غزل جي بنسبت، صدف جي آزاد ڪوتائن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪار جي وڌيڪ جھلڪ آهي ان ڪري وزن، قافيہ، رديف وغيره جي ٻنڌن سبب، پيدا ٿيندڙ ڀاشائي ڪسايون، آزاد ڪوتائن ۾ تمام گھٽ آهن؛ پر ان هوندي بہ اهڙيون ڪوتائون ٿوريون آهن جن کي آسانيءَ سان ڪوتا مڃي يا محسوس ڪري سگھجي ڇاڪاڻ جو آزاد هئڻ جي باوجود ڪابہ ڪوتا، ڪوتا هئڻ جي پابنديءَ کان آزاد نٿي ٿي سگھي. ڪوتا ۾ ڪوتا ٿيڻ لاءِ ڪهڙيون خاصيتون ’هئڻ‘ کپن اهو ٻڌائڻ شايد اهڙو سولو نہ آهي پر اُن ۾ ڇا نہ هئڻ گھرجي اهو ٻڌائي سگھجي ٿو. ڪوتا، نثر جو ڪو ڪٽپيل ٽڪرو نہ هئڻ گھرجي، ڪوتا ڪو راڄنيتڪ، سماجڪ، آرٿڪ سڌار جو نيتائي اعلان نہ هئڻ گھرجي؛ ڪوتا اخبار جي خبر يا اخباري بيان نہ هئڻ گھرجي، ڪوتا ڪو اُپديش جو سوتر يا اخلاق جي هدايت نہ هئڻ گھرجي. ٻيون بہ ڪي ’نہ هئڻ‘ جهڙيون علامتون ڪوتا جون ٿي سگھن ٿيون. مطلب تہ ’ڪوتا‘ شخص کي سماج وٽان مليل واري شئہ جي بدران شخص کي شخص وٽان مليل شئہ هئڻ گھرجي. ڪيئن بہ بحر-وزن جي ٻنڌن کان آزاد ڪري ڪوتا ۾ ڪجھ هئڻ واري ڳالھ کي خارجي نموني سان چٽو ڪرڻ ڏکيو آهي.

هن مجموعي جي گھڻين ڪوتائن ۾ ڪي پرڪٽا فقرا آهن جيڪي پاٺڪن کي وڻندڙ لڳي سگھن ٿا پر اُهي ڪوتا نٿا بڻجن جيئن -

/ٻڍل وارن جي الاٽ ماري ڇڏيو آ/
نہ تہ ڪھڙي ڳالھ آ/جا ڇني ڪانہ ويئي آ/
شاعري نازل ٿيندي آ؟
ڪن تي ٿيندي هوندي/مون تي تہ فقط
سپنا نازل ٿيندا آهن/
۽ اهڙن موقعن تي ’رچنا‘ تہ لکيو،
ٻچڙ بہ اوکو ٿي پوندو آهي/
انڊو جو آهيان/
/ننڍين ڳالهين لڳو آهيان/
عظمت جون علامتون/
جيتامڙا ثابت ٿيا آهن/جن کي وڏو سمجھيو هو.

آزاد ڪوتا جي نالي ۾ ڇپيون ڪوتائون خودثنائيءَ جا اعلان يا چمتڪاري بيان آهن. جيئن -

مان هيٺو ۽ هيسيل/سچ ٿا فرمايو سائين/ڪارنامو البت وڏو انجام ڏنو آ مون/راحت جو سنجيوني ٻوٽو ڳولھڻ لاءِ نڪتو هوس/تڪليفن جو پهاڙ آلي/پنھنجي آڏو ڪڙو ڪيم/

/ڪلھ مون پنھنجي شاعر کي/ڊنر تي ڪوٺيو/هن دعوت قبولي مون کي نوازيو/پر ڳالھين ڳالھين ۾/منھنجو هن سان جهڳڙو ٿي پيو/ڊنر جو سوال ئي پيدا نہ ٿيو/

هيءَ مِل جي چمنيءَ مان نڪري/فضا ۾ جذب ٿيندڙ دونھون/هيءَ اُڀ کي ڇهندڙ/خوبصورت اونچيون عمارتون/هيءَ هوا ۾ جھومندڙ ڪڻڪ جا سونا سنگ/هيءَ سرڳ جو نظارو ميسر ڪندڙ ساوا ساوا کيت/اشارن سان ٻڌائين ٿا تہ هيءَ ڌرتي/نفرت لاءِ ڪيتري موافق آهي/

سرجڪ رچناڪار جي ادبي شخصيت، عبارت جي معرفت رچنا ۾ ظاهر ٿيئي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو عبارت کي رچناڪار جي شخصيت جو عڪس چيو ويندو آهي.

هر رچناڪار جي پنهنجي الڳ ادبي شخصيت ٿيئي ٿي ۽ ان ڪري هر رچناڪار جي پنهنجي الڳ عبارت ٿيئي ٿي يا انداز-بيان ٿيئي ٿو. هن ليک جو مقصد سنڌيءَ جي مشهور ڪٿاڪار ڪرشن کٽواڻيءَ جي ان 'انداز-بيان' جو بيان ڪرڻ آهي. ٻين لفظن ۾، هن ليک ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ٻولي ۽ عبارت جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي ٻولي ۽ عبارت جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ مون ڪرشن جي ٽن رچنائن جي پندرهن پيجن کي آڌار بڻايو آهي. اُهي ۱۵ پيج آهن - 'ياد هڪ پيار جي' (ناول) جا پهريان ۵ پيج، 'ست ڏينهن' (ناول) جا پهريان ۵ پيج ۽ 'جياپي جو ساڳر' (ڪهاڻي سنگره) جي پهرين ۽ عنواني ڪهاڻي 'جياپي جو ساڳر' جا پهريان ۵ پيج. اهو چوڻ جي ضرورت ڪانهي ته ڇنڊڇاڻ لاءِ کنيل اها سامگري ڪنهن خاص مراد سان چونڊي نه ويئي آهي، پر الل حساب کنيل آهي. ڇنڊڇاڻ لاءِ کنيل سامگريءَ جي محدود هئڻ جو آڌار ان ميٽا تي آهي ته ساڳئي سون مان گهڙيل مڙني زيورن مان، ڪنهن به زيور جي ڪسوٽيءَ تي ڪيل هڪ ريکا مان ئي سموري سون جي گڻ-ڌرم جي پرک ڪري سگهجي ٿي.

رواجي طرح سان اظهار يا عبارت هڪ سوکيم شيءِ آهي جنهن کي اشارو ڪري ٻڌائڻ ممڪن ڪونهي. ان کان سواءِ هر سمرٿ رچناڪار جي پنهنجي مخصوص عبارت ٿيئي ٿي ان ڪري عبارت کي ڪنهن ورگ يا سانچي ۾ وجهي جاچڻ - پرکڻ به ڏکيو آهي. پر اڀياس جي سهوليت جي خيال کان عبارت کي 'لس بياني'، 'چمتڪار بياني'، 'لگ-تال بياني'، ۽ 'سنڪيت بياني' جي دفتن ۾

ورهائي سگهجي ٿو. لس بيانيءَ واري عبارت ۾ ٻوليءَ جو استعمال لفظن جي ظاهر معنيٰ تائين محدود رهي ٿو. چمتڪار بيانيءَ ۾ پرڪٽين، سلن، تشبيهن، ڏاحپ، پرولي گفتن، گهڻ معنائيءَ وارن لفظن وغيره جي استعمال سان عبارت کي غير رواجي بڻايو ويندو آهي. لئه-تال بيانيءَ ۾ جملا ننڍا، گهڻي ڀاڱي هم وزن ۽ هم آواز ٿين ٿا جنهن ڪري نثري رچنا به نظم جهڙو اثر پيدا ڪري ٿي. سنڪيت بيانيءَ واري عبارت ۾ ظاهر سادي بيان مان گهري معنيٰ واضع ٿئي ٿي. هن قسم جي عبارت ۾ ڀاشا، ڀاو کي وڏيڪ گهرائيءَ ۽ سمويدنا ڀرئي نموني اظهاري ٿي. ائين ته هر ادبي رچنا ۾ سڀني قسمن جي عبارت جو گڏيل مسيل روپ ٿئي ٿو پر ان هوندي به هر رچنا ۾ عبارت جي مخصوصيت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

عبارت يا انداز-بيان جي مٿئين حوالي ۾ ڏسجي ته ڪرشن ڪٿواڻيءَ جي عبارت مکيه طرح سان سنڪيت بيانيءَ واري عبارت آهي. مثال طور ننڊنيءَ جو گهر ڳولهيندي ڳولهيندي لڪجي پيل ستين، آخر ڳولهي لڌل گهر جي در تي ننڊنيءَ کي نه ڏسي چوي ٿو.

’هيتري محنت ۽ جاکوڙ بعد به سامهون ننڊني
ڪانه هئي شايد مان راهه ڀليل مسافر هوس‘
(ياد هڪ پيار جي - صفحو ١٠)

ظاهري طرح سان هيءُ گهر ڳولهڻ جي ڀٽڪاءُ جي نراشا جو بيان آهي پر گهرائيءَ سان ڏسجي ته هيءُ ستين جي روپ ۾ ليکڪ جو سڄي عمر چاهت جي ڀليان ڀٽڪڻ ۽ ان جي غير حاصلات جو اظهار آهي. هڪ ٻيو مثال ڏسو -

’جيئن ڪار وڌيڪ مٿي چڙهي رهي هئي ته هوا وڌيڪ ٿڌيري ۽ چڏي ٿيندي ٿي ويئي. وڻ ننڍا ٿيندا ٿي ويا. آڪاس هيٺ لهندو

عام طرح سان ڪنھن رچناڪار جي ٻوليءَ ۽ عبارت جو بيان ڪرڻ وقت پهرين ٻوليءَ ۽ پوءِ عبارت جو بيان ڪيو ويندو آهي. ان جو مکيه ڪارڻ اهو آهي جو عبارت ٻوليءَ جي اُلٽ-ڦيَرَ مان جنم وٺندي آهي، پر مون پنھنجيءَ سھوليت لاءِ اهو سلسلو بدلائي ڇڏيو آهي. مون اول ڪرشن کٽواڻيءَ جي عبارت جو بيان ڪيو آهي ۽ هاڻي سندس ٻوليءَ بابت ڪجھ چوڻ چاهيان ٿو.

ڪرشن جي ٻوليءَ تي نظر وجهڻ سان اها ڳالھ صاف طرح سان ڏسي سگهجي ٿي تہ ڪرشن ڪي ڪنھن خاص قسم جي لفظن کان پرهيز يا ڪنھن خاص قسم جي لفظن لاءِ ڪو موھ ڪونھي. سندس ٻوليءَ ۾ هڪ طرف ’ڳل شرم ڪنان سرخ ٿيڻ، ٻڪايل ڪي مانيءَ ڳيي جو آسرو ملڻ، سامت جو ساھ کڻڻ، من ۾ لچائيءَ جو ڪر موڙڻ، چرچو گهبو ڪرڻ، جھڙا ٺيٺ سنڌي لفظ ۽ محاورا آهن تہ ٻئي طرف، ڪلا آلوچڪ، نرتيہ، وشو وديالي، اتمني، سنبنڌ، سمي، سمپرڪ جھڙا هندي لفظ بہ آهن. ضرورت پوڻ تي ڪرشن صبا، ذهن، معنيٰ خيز، رقص، وادي، تسڪين، سالگرھ جھڙا سوا عربي-فارسي لفظ استعمال ڪيا آهن تہ شيلف، فوٽ پاٿ، پوز، ڊانس، ڊانسر، پينٽنگ، آئل پينٽ، ٽن، سوونير، هِل اسٽيشن، ماسٽر بيڊروم، ٽوئرسٽ وغيره جھڙن انگريزي لفظن جي استعمال ۾ بہ ڪرشن ڪي ڪا هٻڪ ڪانہ ٿي ٿئي. ان ڪري ڪرشن جي ٻوليءَ جو ڪو يڪسان رنگ تہ ڪونھي پر سندس ٻوليءَ ۾ رواني ۽ تازگي ضرور آهي. ڪرشن جي ٻولي پراڻي ڍنگ ۽ نئين انداز جو مرڪب آهي جيتوڻيڪ ان ۾ هندي لفظن جو وڌيڪ استعمال آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي ٻوليءَ جي حوالي ۾ جيڪا ڳالھ بيحد گھڻو ڌيان ڇڪائي ٿي اها آهي ٻوليءَ جي ڪچائي. عام طرح سان اثردار عبارت لاءِ پختي ٻولي ضروري آهي پر ڪرشن جي ٻولي ڪيترن هنڌن تي ان شرط جي پوئواري نٿي ڪري. ڪيترن هنڌن

مون هڪ قسم جي آزادي محسوس ڪئي. مون کي لڳو ته مان ڪن زنجيرن جي بار کان هلڪي ٿي هيس. منهنجي دماغ ۾ خيال ڪڪرن جيان هلڪا ٿيڻ لڳا (هلڪا ٿي ترڻ لڳا) ۽ ڪار جي درين مان ايندڙ هلڪي ٿڌي هوا منهنجي بدن ۾ ڪتڪتائي ڪرڻ لڳي. مون مڙي شرد ڏانهن نهاريو. سندس چهري جي ڀاون مان لڳو ته هو به شهر جي تناو وارڙي وايو منڊل مان ٻاهر اچڻ سبب پاڻ کي آزاد محسوس ڪري رهيو هو. جيئن ڪار وڏيڪ ۽ وڏيڪ مٿي چڙهي رهي هئي تيئن هوا وڏيڪ ٿڌيري ۽ ڇڊي ٿيندي ٿي ويئي، وڻ ننڍا ٿيندا ٿي ويا، آڪاس هيٺ لهندو ٿي آيو. وايومنڊل وڏيڪ آزاد ٿيندو ٿي ويو.

جڏهن اسين بنگلي تي پهتاسين، ان وقت ٻپهري جي ويل گذري چڪي هئي پر سڄ اڃان ٻڏو ڪونه هو.'

ڪرشن جي ٻن رچنائن - 'ياد هڪ پيار جي' ۽ 'ست ڏينهن' جي ٻوليءَ جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته 'ياد هڪ پيار جي' جي ٻولي پراڻي محاوري ڏانهن جهڪيل پر پڪتي آهي جڏهن ڪ 'ست ڏينهن' جي ٻولي نواڻ ڏانهن مائل آهي پر اهڙي پڪتي ڪانهي. حتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته 'ياد هڪ پيار جي' ۱۹۷۸ ۾ ۽ 'ست ڏينهن' ان کان ست سال پوءِ يعني ۱۹۸۵ ۾ ڇپيل آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته ستن سالن جي هن عرصي ۾ ٻوليءَ تي دسترس وڌڻ جي بدران ڪرشن جي ٻوليءَ تي پڪڙ ڍلي آهي. يا شايد اهو ٻوليءَ جي نئين محاوري جو نتيجو آهي.

پڄاڙيءَ ۾ رڳو ايترو چوڻ چاهيندس ته هڪ محدود ليک ۾ ڪنهن ڪلاڪار جي ٻوليءَ ۽ عبارت جي سمورين خاصيتن جو بيان ڪرڻ بيحد ڏکيو آهي ان ڪري مون هن ليک ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ٻوليءَ ۽ عبارت جي ڪن خاص نقطن کي اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ منهنجي خيال ۾ اهو ڪافي آهي.

# منگهارام ملڪاڻيءَ جي ٻولي ۽ عبارت

ٺاهوڪي شڪل شبيھ، رُوبدار شخصيت، سدا جوان شاعراڻي طبيعت ۽ ايمانداريءَ ڀري صاف گوئيءَ جو مالڪ منگهارام ملڪاڻي سنڌي ادب ۾ هڪ نرالي هستي هو.

اڳين تہ ملڪاڻيءَ کي ننڍي ناٽڪ يا ايڪانڪي ناٽڪ جو ابو ڪري مڃيو ويندو آهي جو ملڪاڻيءَ ڪيترائي ننڍا ناٽڪ لکيا ۽ سندس ناٽڪن جا ڪيترا مجموعا شايع ٿيا پر ملڪاڻيءَ جو رچنا سنسار ناٽڪن تائين محدود نہ آهي. ملڪاڻيءَ 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۽ 'سنڌي ساهت جو مختصر جائزو' جهڙا تنقيدي ادبي تاريخ جهڙا ڪتاب لکيا تہ/ 'ادبي اصول' نالي سڌانتڪ آلوچنا جو ڪتاب بہ لکيو. ملڪاڻيءَ 'ساهتڪارن جون سمرتيون'، جهڙي آتم ڪٿاتمڪ رچنا بہ ڪئي تہ 'ڇھمي ياترا' جهڙو عمدو سفر نامو بہ لکيو. ملڪاڻيءَ نہ رڳو ٽئگور جي ٻن ڪتابن 'پريت جا گيت' ۽ 'گيتانجلي' جو ترجمو ڪيو پر نظماڻي نثر ۾ خود بہ 'جوانيءَ جا جذبا ۽ پيريءَ جون يادون' جهڙي خوبصورت رچنا ڪئي. ان ڪانسواءِ ملڪاڻيءَ انيڪ ڪتابن جون وهنوارڪ آلوچنائون ڪيون؛ پر ان هوندي بہ ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ملڪاڻيءَ جو مکيہ رچنا ڪيتر ناٽڪ، تنقيد ۽ تنقيدي تاريخ لکڻ رهيو آهي.

ملڪاڻيءَ جي ٻولي ۽ عبارت يا شيليءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان اول ملڪاڻيءَ جي رچنا سنسار جي پاشاڪي پس منظر تي نظر وجهڻ ضروري آهي.

منگهارام ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ١٨٩٦ع ۾ ٿيو ۽ هن هاءِ اسڪول تائين تعليم حيدرآباد ۾ ورتي. ان ڪانپوءِ هن ڊي.جي.

سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهائي ڪئي ۽ ان ئي ڪاليج ۾ انگريزي ۽ سنڌيءَ جو نائب پروفيسر مقرر ٿيو. ان وقت ان ڪاليج ۾ ڀيرومل مهرچند ۽ لعلچند امرڏنومل جهڙا سنڌيءَ جا اُستاد هئا. ان وقت ان ڪاليج ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙو عالم به هو. ملڪاڻيءَ جو جيٺمل پرسرام سان به گهاٽو سنبنڌ هو جيڪو حيدرآباد ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو اُستاد هو. ملڪاڻي انگريزيءَ جو اڀياسي ۽ پارسيءَ جي سٺي ڄاڻ رکندڙ هو.

ان طرح ڏسجي ته حيدرآباد ۾ جنم وٺڻ سبب ملڪاڻيءَ جي مادري زبان معياري سنڌي هئي جو ته سيوهڻ، حيدرآباد ۽ ساهتيءَ جي آس پاس ڳالهائي ويندڙ سنڌي ئي تعليم ۽ ادب ۾ استعمال ٿيندڙ معياري سنڌيءَ جو روپ وٺي رهي هئي. ڀيرومل، مهرچند، لعلچند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام جهڙن سنڌيءَ جي اُستادن ۽ ماهرن جي ملڪاڻيءَ کي رهبري نصيب ٿي جنهن جو اثر اهو ٿيو ته ملڪاڻيءَ جي ٻولي نج سنڌي ڍنگ جي ٿي پيئي. ملڪاڻيءَ کي انگريزيءَ جو سٺو اڀياس هو ان ڪري ملڪاڻيءَ جي ٻوليءَ ۾ انگريزي لفظن ۽ اظهارن جي استعمال جي گنجائش هئي پر ان وقت جي روايت ۽ سنڌيءَ جي اُستادن جي اثر سبب انگريزي لفظن جو جيئن جو تيئن استعمال ڪرڻ جي بدران انهن جي معنيٰ کي سالم رکندي انهن جي الٽي جو استعمال ئي ملڪاڻيءَ جي ٻوليءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ملڪاڻيءَ جو جنم ۱۸۹۶ ۾ ٿيو ۽ ۱۹۲۳ ۾ هو ڪاليج ۾ مقرر ٿيو. هندستان جو ورهاڱو ۱۹۴۷ ۾ ٿيو. ان حساب سان ڏسجي ته ملڪ جي ورهاڱي سبب سنڌ ڇڏڻ وقت ملڪاڻي ۵۰ سالن کان به وڌيڪ عرصو سنڌ ۾ رهي چڪو هو ۽ لڳ ڀڳ ۲۵ سال ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو اُستاد رهي چڪو هو. اُن عرصي ۾ ملڪاڻي ڇهيون ئي ادبي رچنائون به ڪري چڪو هو اُن ڪري ملڪاڻيءَ ۾ سنڌيءَ جو سنسڪار

نج سنڌي پراڻا لفظ/اظهار آهن - سچل (متر)، صورت (شڪل)، پسڻ (ڏسڻ)، لوساڻيل مهانڊو (چهرو)، ڏارا (ڪانسواء)، ڏاڻ (ڍنگ)، پائڙي (پائدان) وغيره. هن ٽڪري ۾ انگريزي لفظ آهن يو.ڊي. ڪولن، نئپڪن، رگ، ۽ انگريزي اظهارن جا الٿا آهن ميزباڻ (Hostess) دونهي نڪرڻ جو نلو (Exhaust pipe) پٽو ٽاڪڻ (fasten the belt) وغيره.

اهو ڏسي عجب ٿو لڳي تہ ملڪاڻيءَ اهڙن هندي لفظن جو استعمال ڪيو آهي جن جي برابر سوا سنڌي لفظ ملڪاڻيءَ جي ڄاڻ جي دائري ۾ موجود آهن. جيئن هندي لفظ ’کڙکي‘ جنهن جي برابر سولو سنڌي لفظ ’دري‘ موجود آهي ۽ خود ملڪاڻي ان لفظ جو استعمال هن ئي ٽڪري ۾ اڳتي ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح سان ’آخرين بار‘ هندي اظهار آهي جنهن جي برابر ’پڇاڙيءَ جو دفعو‘ سنڌي استعمال ڪو ڏکيو ڪونهي. ان ڪانسواء سگهندي ۽ سيتل لفظ بہ هندي وڌيڪ آهن سنڌي گهٽ.

جيتوڻيڪ مٿالي ٽڪري ۾ ڪي ٿورا انگريزي ۽ هندي لفظ استعمال ٿيل آهن پر ان هوندي بہ ٻولي ۽ عبارت پوريءَ طرح سان سنڌي ڍنگ واري ۽ سَولي آهي؛ ان ۾ ڪٿي بہ ڪو مونجهارو يا اڻ چٽائي ڪانهي.

حيدرآبادي هئڻ جي باوجود ملڪاڻيءَ جي ٻوليءَ ۾ ر/ڙ وارو مونجهارو ڪونهي جيڪو عام طرح سان حيدرآبادي ڳالهائيندڙن ۾ هوندو آهي. ’هوگليءَ جي ڪناري‘ (١٩٦٥) ناٽڪ جي شروعاتي سوچنائن ۾ ’جهاز لنگڙ هٽي بيٺو آهي‘، لکيل آهي. صحي لفظ ’لنگر‘ آهي پر اها پروف جي غلطي بہ ٿي سگهي ٿي.

اهڙيءَ طرح ڏسجي ٿو تہ منگهارام ملڪاڻيءَ جي ٻولي معياري سنڌي آهي جنهن جو لهجو گهرو يا شخصي آهي. ملڪاڻيءَ جي

ٻوليءَ ۾ محاوريدار اظهارن جو ڪافي گهڻو استعمال آهي. سنڌس شروعاتي رچنائن ۾ ضميري پڇڙين جو وڌيڪ استعمال آهي. ملڪاليءَ جي شروعاتي رچنائن ۾ انگريزي لفظ لڳ ڀڳ ڪونه آهن پر انگريزي لفظن جي معنيٰ ظاهر ڪندڙ اُلٿا ان ۾ موجود آهن. هندستان ۾ لکيل سنڌس رچنائن ۾ هنديءَ جا ڪي مروج لفظ ضرور اچي ويا آهن مگر انهن ۾ به نج سنڌي اظهارن جو استعمال وڌيڪ آهي.

عبارت جي خيال کان ڏسجي ته ملڪاليءَ جي عبارت سولي، چٽي ۽ بياني آهي. ان ۾ ڪوبه مونجهارو يا وڪڙ ڪونهي. ان ۾ نه عالماليون الڪلون آهن ۽ نه وري پرڪٽا-ترڪٽا گفتا آهن. ملڪاليءَ جي عبارت گهڻي ڀاڱي لس بيانيءَ واري آهي. ان ۾ ڪٿي ڪٿي اُپديش ڀريل اظهار آهي پر اهو به بلڪل صاف نموني چيل لڳي ٿو ڪٿي به ان ۾ لڪل معنيٰ نظر نٿي اچي.

منگهارام ملڪاليءَ جي ٻوليءَ ۽ عبارت جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ اهين چئي سگهجي ٿو ته ملڪاليءَ جي عبارت ڪا مخصوص عبارت ڪانهي جنهن کي 'ملڪاليءَ جي عبارت' نالي سان مارڪ ڪري سگهجي. اهو سچ آهي ته گهڻي ڀاڱي ڪنهن به ليکڪ جي عبارت سندس شخصيت جو آئينو ليکبي آهي. ملڪاليءَ جي حوالي ۾ پڻ اهو سچ آهي. ملڪاليءَ جي زندگيءَ ۾ جيڪا چٽائي، صاف گوئي ۽ پنهنجائي آهي، اُهي ساڳيون خصوصيتون سنڌس عبارت ۾ موجود آهن پر سنڌس عبارت کي ملڪاليءَ وانگر ڪا شخصيت ڪانهي، اها سرل، صاف، پنهنجائي ڀري ته آهي پر ساڌارڻ يا عام آهي، خاص نه آهي، پر ان ڪري ملڪاليءَ جي اهميت گهٽجي نٿي، ڀاڻ وڌي ٿي، جو بنان اهميت جي خاص بڻجڻ اهڙو ڏکيو نه آهي جهڙو اهميت هوندي عام بڻجڻ.

تائين دلگير موزون شاعريءَ جو هڪ پڪو پختو شاعر ٿي چڪو هو، جيڪا پختگي سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ موجود آهي. هڪڙو مثال ڏسون -

/ٿي پريان آئي، ذرا نظرون ملائيندي وئي،
اوچتو ٿي پر وري چهرو ڇپائيندي وئي./ (غزل ٦-لاڙڪاڻو)

/ڏِلُ ۾ ٿي اکيون مون سان انڪائين ٿي ڇا جي لاءِ،
انڪائي وري منهن کي ڦيرائين ٿي ڇا جي لاءِ./ (غزل ٥٩-آديپور)

عام طرح سان ائين محسوس ٿيندو آهي ته شاعري درد جي پيدائش آهي. هندي ڀاشا جي محاوري سمترا نندن پنت به هڪ هنڌ لکيو آهي ته -

/'ويوگي هوگا پهلا ڪوي، آه سي اُپجا هوگا گان،
اُور آنسوُن ۾ بَهه ڪَر نِڪلي هوگي ڪَوتا اَنجان'./

مطلب ته حن ڌرتيءَ تي پهريون ڪوي اهو ٿيو هوندو جيڪو پنهنجي محبوب کان وڇڙيل هوندو، ان جي درد ڀريل دانهن مان ٿي گيت پيدا ٿيو هوندو ۽ ان جي ڳوڙهن ۾ چپ چاپ ڪوتا وهي نڪتي هوندي.

رامائڻ جي رچناڪار والميڪ لاءِ به چيو ويندو آهي ته پکين جي هڪ جوڙي مان، هڪ پکيءَ جي ماريءَ جي تير سان گهائجي ڪِرڻ کان پوءِ، ٻئي پکيءَ جيڪي دانهون ڪيون اُهي ٻڌي والميڪ جي وات مان بي اختيار هڪ ٽُڪ نڪري ويئي. 'اڙي او ماري ...' ۽ اُن ٽڪَ جو وستار ئي رامائڻ جي رچنا جو ڪارڻ بڻيو. مطلب ته ڪوتا يا شعر جي پيدائش جو ڪارڻ ڪنهن طرح سان وڇوڙي جو درد هوندو آهي پر عجب جي ڳالهه آهي جو 'دلگير' سڏائڻ واري هري 'دلگير' جي شاعري دک-درد ۽ وڇوڙي جي شاعريءَ بدران آشا، سک، اُتساهه ۽ خوشيءَ سان ڀريل شاعري آهي.

/ڪونہ سڏري سگھيو، راجنيتي ڏلو.
راڄ شڪتي ڙنڊي، لوڪ پڙوو ڏلو./ (غزل ٦٣)

/هي سڀ هن جون ساهيڙيون،
ڪهڙي هن جي زال؟ نہ پڇ./ (غزل ٣٩)

'دلگير' جو تخلص 'دلگير' سچ تہ صحيح ٿي ٿو. دلگير جيترو ٻاهران خوش لڳندو هو اوترو خوش هو سچ پچ هو ڪونہ يا شاعريءَ ۾ جهڙي خوشيءَ جو اظهار ڪندو هو، اهڙي خوشي دلگير وٽ سچ پچ تہ موجود ڪانہ هئي. ان ڪري ئي ڪڏهن ڪڏهن بيخبريءَ ۾ اندر ڪولي وهندو هو -

/مرڪ سدائين منهنجي مُنهن تي،
مالهن ليکي گهايل ناهيان./ (غزل ٥١)

/زخم سوين دل تي دلگير،
ڪنهنجا ڪنهنجا پال؟ نہ پڇ./ (غزل ٣٨)

/نا اميديءَ جي انڌي آڪاس ۾،
آس جون لنڙيون اُڏائڻ ٿو گهري./ (غزل ٣٣)

/دل رُٺي، دلبري بہ دل ٿي ڪري،
پال کي پال ويلا پرچايون./ (غزل ٣٢)

زماني ۾ قحليل سماجڪ گندگيءَ دلگير جي سموري خوشبوءِ کي بدبودار بڻائي ڇڏيو هو. اڄ اسان جي زندگي جنهن دهشت ۽ ڌمڪاءَ جي سايي ۾ ڪٽجي رهي آهي، ان جو بيحد دل ڇهندڙ ذڪر دلگير جي آخرين غزل ۾ آهي. ڏسو اسين ڪيئن ٿا جيئون-

/بازار ۾، رستي تي، سنيما ۾ يا گهر ۾،
آواز ڦٽاڪن جو ٻڌون ٿا، تہ ڏکون ٿا./
/گاڏين ۾، جهازن ۾ يا رستن جي سفر ۾،
ڪنهن وقت بہ ڪيڏانهن وڃون ٿا، تہ ڏکون ٿا./

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مهتمميءَ هيٺ تيار ٿيل ’شاهه جو رسالو‘ شاهه عبداللطيف جي شايع ٿيل ڪلام جي سلسلي جي اها ڪڙي آهي، جنهن جي شروعات جرمن عالم ارنيسٽ ٽرمپ ١٨٦٦ ۾ جرمنيءَ جي ليپسا شهر مان ’شاهه جو رسالو‘ ڇپائي ڪئي هئي. ان سلسلي جون ٻيون نمايان ڪڙيون آهن قاضي ابراهيم جو ١٨٦٧ ۾ ڇپايل رسالو (بمبئي وارو ڇاپو) ١٩٠٠ ۾ ديوان تاراچند جي سرپرستيءَ هيٺ بمبئي سرڪار طرفان ڇپايل ڇاپو، ١٩١٣ ۾ مرزا قليچ بيگ جو تيار ٿيل ڇاپو، ١٩٢٣، ١٩٢٤ ۽ ١٩٣١ ۾ سلسليوار ڇاهر ٿيل ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڇاپي جا ٽي جلد، ١٩٥٠ ۾ غلام محمد شاهوانيءَ جو تيار ٿيل ڇاپو. ان حوالي ۾ ليلارام سنگهه دواران ١٨٩٠ ۾، ۽ ڊاڪٽر سورلي دواران ١٩٣٠ ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل انهن تصنيفن جو بيان ڪرڻ به ضروري آهي، جيڪي شاهه جي ڪلام جا مجموعا ناهن مگر جن ۾ شاهه جي شاعريءَ جي عالماڻي ڇنڊ-ڇاڻ ڪيل آهي. هتي سنڌيءَ جي مشهور شاعر شيخ اياز دواران ڪيل ’شاهه جو رسالو‘ جي اُردو ترجمي جو بيان ڪرڻ پڻ بيجاءِ نه ٿيندو جنهن جي اشاعت ١٩٦٣ ۾ ٿي.

مذڪور ڇاپن مان ٽرمپ جي ڇاپي جي تاريخي اهميت آهي. شاهه جي شاعريءَ جي عالماڻي ڇنڊ-ڇاڻ جي خيال کان انگريزيءَ ۾ لکيل مٿيون ٻئي تصنيفون قابل ذڪر آهن؛ سيني سنڌي ڇاپن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڇاپي جي جڳهه يگاني آهي - البت ان ڇاپي جي ٽن جلدن ۾ سمورا سُر سمايل ڪونهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ رهيل سُرَ چوٿين جلد ۾ ڏيڻ جو اظهار ڪيو هئو مگر پنهنجي خواب

جي تعمير ڏسڻ کان اول ئي ڳڻ صاحب خوابي - فاني دنيا کي ڇڏي وڃي بقا جي ولايت ۾ واس ڪيو. شاهواڻي صاحب جو ڇاپو لڳ ڀڳ مُڪمل آهي مگر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڇاپي ۾ شاهه جي ڪلام جي جا سوڌ ۽ سنوار آهي، شاهه جي شعر جي عالماڻي ڇنڊ-ڇاڻ آهي، شاهواڻي صاحب جي رسالي ۾ يا ته اها عدم موجود آهي يا ان ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي خيال ۽ اظهار جو ڏُهراءُ آهي.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته شاهه جي ڪلام جا ذڪر ڪيل مڙيئي ڇاپا اڄ جي ناياب نه آهن ته به آسانيءَ سان دستياب ٿيا ٿين، ان ڪري ڪنهن اهڙي مجموعي جي سخت ضرورت هئي جنهن ۾ شاهه جو سمورو ڪلام سوڌيل، ۽ سنواريل هجي جيئن شاهه جي ڪلام جي چاهڪن، خاص ڪري نئين پيڙهيءَ کي هن آفاقي شاعر جو شعر سولائيءَ سان حاصل ٿي سگهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو هيءُ ڇاپو ان کوٽ جي پورائيءَ لاءِ هِڪ مبارڪ قدم آهي. لڳ ڀڳ ٥٠٠ صفحن ۾ سمويل هيءُ رسالو هندستان ڪتاب گهر-بمبئيءَ وارن جو ڇپايل آهي، جن کي سهڻي ڇپائيءَ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀارت جي راشٽرپتيءَ جو ميڊل عطا ٿيل آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته ڪتاب جي ڇپائي ۽ سجاوٽ بيحد سهڻي ۽ دلڪش آهي، ان لحاظ کان سندس قيمت ١٢-٥٠ رپيه بيحد معمولي آهي. رسالي ۾ آيل مواد کي ڪل ملائي هيٺئين نموني ورهائي سگهجي ٿو.

(الف) بيت : شاهه جي سموري ڪلام ۾ سُرن جي ترتيب اها ئي رکي ويئي آهي جيڪا ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ غلام محمد شاهواڻيءَ جي آهي.

(ب) معنيٰ : هرهڪ صفحي تي ڏکين لفظن تي نمبر هڻي فوٽ نوٽ ۾ انهن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي. معنيٰ جي حوالي ۾ ڪٿي ڪٿي ڪن هنڌن تي ڪن لفظن جي شرح به پيش ڪئي ويئي آهي.

(ب) سار : هرهڪ داستان جي پڇاڙيءَ ۾ ان داستان جو ٨-١٠ سٽن

هندستان ۾ تہ اهي هڪ طرح سان عدم موجود ٿي ويا آهن - ٻيو تہ سمورو ڪلام هڪ ئي جلد ۾ ڏنو ويو آهي. هرهڪ صفحي تي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ شرح سبب پڙهندڙ کي ازحد سهوليت ٿي لڳي. وري هرهڪ داستان جي آخر ۾ ڏنل سار، داستان جي سڀني بيتن ۾ ورهيل خيال کي هڪ تار ۾ پوئي پيش ٿو ڪري. ان ڪري بيتن ۾ سمايل رمزي ۽ تمثيلي خيال کي سمجهڻ ۽ لطف اندوز ٿيڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي. شاه جي حياتيءَ جو مختصر احوال ڏيئي هن ڇاپي کي وڌيڪ ڪمائتو بڻايو ويو آهي. شري جئرامداس دولترام جي لکيل عالماڻي مهاڳ سبب رسالي جي اهميت اڃان بہ وڌي ويئي آهي. ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ جي باوجود تہ ڪلياڻ آڏوالڻيءَ جي هن ڇاپي شاه جي ڪلام کي هڪيڪو حاصل ڪرڻ جو وسيلو ميسر ڪري ڏنو آهي ۽ شاه جي رسالي جي ناياب ٿي وڃڻ جي ڪميءَ کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي، موجوده ڇاپي جي حوالي ۾ هڪ سوال ذهن ۾ اُڀري ٿو بيهي. سوال آهي تہ شاه جي ڪلام کي صحيح نموني پيش ڪرڻ جي خيال کان هيءُ ڇاپو، اڳين ڇاپن کان ڪهڙين ڳالهين ۾ الڳ ۽ اڳرو آهي.

هن ڇاپي جون بہ مکيہ خاصيتون آهن. هڪ تہ شاه جا ڪجھ بيت باطل سمجهي رد ڪيا ويا آهن يعني هن ڇاپي ۾ نہ جوڙيا ويا آهن ۽ شاه جا کي بيت، جيڪي اصلي شاه جا لکيل آهن پر اول مقبول ڇاپن ۾ موجود نہ آهن، انهن بيتن کي هن ڇاپي ۾ شامل ڪيو ويو آهي؛ ۽ ٻيو تہ شاه جي ڪلام جي ڪجھ لفظن جو اُچار تلفظ مٽائي، هاڻوڪي، معياري سنڌيءَ جهڙو ڪيو ويو آهي.

گهرائيءَ سان ڏسجي تہ ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جون مخالف آهن.

ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام جي ترتيب جو مقصد هوندو آهي، ان شاعر جو لکيل معتبر ڪلام، عوام جي اڳيان پيش ڪرڻ. ان حوالي

۾ شگھڙ سمپادڪ جو ڪم آهي واسطيدار شاعر جي ڪلام ۾ گڏجي ميسجي ويل نقلي مال کي ڌار ڪرڻ ۽ ڪوتاه نظري يا نظر اندازيءَ سبب، شاعر جي ڇڏي يا رهجي ويل ڪلام کي ان جي مول ڪلام ۾ شامل ڪرڻ. ڪلياڻ صاحب، شاه جي اڳين ڇاپن جي ڪلام ۾ جي ڪاٽ-جوڙ ڪئي آهي ته ان جو مقصد آهي شاه جو صحيح ۽ معتبر ڪلام عوام جي اڳيان پيش ڪرڻ، ته پوءِ ان مقصد جي برعڪس شاه جي لفظن جو لاڙي تلفظ بدلائي - ان کي ڇالوڪو ڪري، شاه جي ڪلام کي بي اعتماديءَ جو نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي ويئي آهي؟ جن هندي ساهتيہ جو اڀياس ڪيو آهي انهن کي خبر آهي ته هندي ساهتيہ جي شروعاتي دور 'وير گاٿا ڪال' جون لڳ ڀڳ مڙيئي مکيہ رچنائون (جيئن - پرٿوي راج راسو، بيسل ديوراسو. وغيره) ٻوليءَ جي تاريخي روپ نه هئڻ سبب، بي اعتماديءَ جو باعث بڻجي چڪيون آهن ۽ ان سبب انهن رچنائن جي رچيندڙ جي وجود ۾ ئي عالمن جو اوشواس ٿيڻ شروع ٿيو آهي. اڄ کان ڪجھ صديون پوءِ جا ڀاشا-ماهر ۽ عالم جڏهن شاه جي ٻوليءَ جو روپ سترهين - ارڙهين صديءَ جو نه ڏسي، ويهين صديءَ جو ڏسندا ته پوءِ اهو به ممڪن آهي ته هو شاه جي سموري ڪلام کي ئي تاريخي پس - منظر ۾ شڪ جي نگاه سان ڏسڻ لڳن. ان ڳالھ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي ته شاه جي ٻوليءَ ۾ حن قسم جي ڦير گهير ڪرڻ ۾ ڪلياڻ صاحب جي مُراد نيڪ آهي. سندس مراد اها آهي ته مروج ٻوليءَ سبب شاه جو ڪلام نئين پيڙهيءَ جي زبان تي چڙهي سگهندو، مگر مراد جي نيڪ هئڻ جي باوجود ڪلياڻ صاحب جو هيءُ ڪارنامو داد جي لائق نه آهي. جيڪا مُراد هئي ته مُروج ٻولي هئڻ سبب نئين پيڙهيءَ لاءِ شاه جو ڪلام پڙهڻ سَڌنجو ٿيندو، ان مراد جي برثوابيءَ جا ٻيا گهڻائي طريقا هئا. مثال طور شاه جو ڪلام مول روپ ۾ ڏيئي، ان جو لپي - اُلٿو (transcription) مُروج ٻوليءَ ۾ ڏيئي سگهجي ٿو.

سوالي نگاهن سان نجاري رهيو آهيان. ڪلياڻ صاحب ڀين رسالن ۾ آيل ڪي بيت خارج ڪري ڇڏيا آهن ۽ ڀين رسالن ۾ نہ آيل ڪي بيت هن ۾ جوڙيا آهن. سوال ٿو اُٿي تہ اهو خارج ۽ داخل ڪرڻ جو ڪارنامو Textual criticism جي آڌار تي ڪيو ويو آهي؟ ڇوتہ ڪو اهڙو ڪارنامو نہ آهي جيڪو ڪو عالم پنهنجيءَ چاهہ، تخليقي قوت ۽ اندر جي سوجهيءَ جي آڌار تي ڪري سگهي. ڇوتہ هڪ Academic فن آهي جو ڪن بنيادي اصولن تي بيٺل آهي. ان فن جو هڪ مکيہ آڌار آهي جدا جدا نسخن جي ٻوليءَ جي پيٽ ۽ علم لسان جي اصولن موجب ان جي وقتي پابندي. ڪلياڻ صاحب کي ڪنهن بہ بيت جي خارج - داخل ڪرڻ لاءِ اول ان واسطيدار بيت جون جدا جدا نسخن ۾ ملندڙ جدا جدا پڙهڻيون پيش ڪرڻ ڪپنديون هيون ۽ پوءِ ٻولي ۽ تاريخي بنيادن تي واسطيدار بيت کي خارج يا داخل ڪرڻ گهربو هئو - پر رسالي مان ان قسم جي ڪابہ ڄاڻ حاصل ڪانہ ٿي ٿئي.

هن ڇاپي ۾ هڪ وڏي ڪمي اها بہ رهجي ويئي آهي جو هن ڇاپي ۾ شاهہ جي شعر جي شاعراڻين خوبين جو ڪوبہ ذڪر ڪونهي. جي ڪلياڻ صاحب اهو محسوس ٿو ڪري تہ شاهہ جي ٻولي موجوده وقت ۾ سمجهڻ ڏکي ٿي پيئي آهي ۽ ان ڪري ان جو تلفظ بدلائڻ جي ضرورت آهي تہ پوءِ ڪلياڻ صاحب اهو وشواس ڪيئن ڪري ويٺو تہ شاهہ جي شعر جو سمورو ظاهر-باطن هر ڪنهن جي پهچ جي اندر آهي؟ سمپادڪ جي بنيادي ڪم - ڳولها - ڦولها - ڇنڊڇاڻ جي گهٽتائي هڪ ٻئي حوالي ۾ بہ ظاهر آهي. شاهہ جو سمورو ڪلام جدا جدا سُرن ۾ ورهايل آهي. ان مان ڪي سُر (جيئن يمن، ڪلياڻ، سريراڳ، سارنگ وغيره) علم موسيقيءَ موجب ڪن راڳن - راڳڻين جا نالا آهن؛ پر ڪيترا سُر آهن (جيئن سَسُئي، ڍَهرُ وغيره) جن جو علم موسيقيءَ سان ڪوبہ واسطو ڪونهي - اهي سُر

مضمون يا موضوع جي آڌار تي لکيل آهن. شعر جي اهڙي جو اهو هڪ اهم پهلو آهي تہ شاہ کي علم موسيقيءَ جي ڪيتري ڄاڻ هئي ۽ سندس شعر سان علم موسيقيءَ جي ڪيتري وابستگي آهي. ڪلياڻ صاحب ان وشئہ تي روشني وجهڻ جي تڪليف نہ ورتي آهي.

مان هتي وري شري ڄيٺرامداس جي مهاڳہ جو ٻن ڳالهين جي لاءِ ذڪر ڪرڻ چاهيندس.

هڪ تہ هن صاحب پنهنجي سموري مهاڳہ ۾ معتمر لاءِ هڪ بہ لفظ نہ لکيو آهي! منهنجي لاءِ اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ معتمر کي مهاڳہ جي حدن کان ٻاهر رکڻ جو هيءُ ڪم ڪيترو خارجي آهي ۽ ڪيترو داخلي پر اهو ڏيان ڇڪائيندڙ ضرور آهي.

ٻي ڳالهہ آهي شري ڄيٺرامداس جو مهاڳہ ۾ اهو بيان تہ جي عالم رڳو سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ شاہ جو رسالو ٿا پڙهن اهي سندس درجو ٿا ڪيرائين. هن صاحب جو چوڻ آهي تہ شاہ جي رسالي کي گيتا جيان ئي روحاني رهبر ڪري ليکڻ گهرجي.

ان بابت منهنجو نمالو عرض آهي تہ اسان سنڌي، شاہ ۽ شاہ جي ڪلام کي اوترو مٿي کڻي نہ سگهيا آهيون يعني اسان اڃان تائين شاہ جي ڪلام کي اوطاقن، اوتارن، مندرن ۽ محفلن مان ٻاهر ڪڍي نہ سگهيا آهيون. شاہ جي ڪلام جو رتبو تڏهن وڌندو جڏهن علم - عقل جي جدا جدا کيترن ۾، عالمن ۽ سُگهڙن دواران شاہ جي شعر جي ڇند - ڇاڻ ٿيندي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ جي شري ڪوڙومل چندن مل، ڀائي چئنراءَ جي مَٺَ کي مندر کان ٻاهر ڪڍي اچي اونڌو نہ ڪري ها تہ ملڪي ۾ بند پني جي ڇلڪين سان گڏ ڀائي چئنراءَ بہ مندر جي انهيءَ مَٺَ ۾ بند پيو هجي ها ۽ سنڌي ادب 'سامي' جي سخن کان وانجهجي وڃي ها. ساڳيءَ طرح سان شاہ جو رسالو جنهن ڏينهن هڪ روحاني ڪتاب وڃي رهندو ان ڏينهن

۽ راڳي جو بيان آهي. هيءُ نج سنڌي سُرُ آهي جيڪو سنڌ ۾ گهڻو ڳايو ويندو آهي.

’سُرُ ڪاموڏ ۾ ’ڪاموڏ‘، ’ڪامديو‘ جو بگڙيل روپ آهي. مطلب الس پريم يا ڪام. هيءُ ديپڪ راڳ جي هڪ راڳڻي به آهي.

’سُرُ گهاتوءَ‘ ۾ ’گهاتوُ‘ معنيٰ شڪاري. هن سُرَ ۾ مڇي ماريندڙن يعني مهاڻن جو شڪار ڪندڙن جو بيان آهي.

’سُرُ سورٺ‘. ’سورٺ‘ ’سوراشٽرا‘ جو بگڙيل روپ آهي. ’سورٺ‘ راڄ ڏيارچ جي لکين پٽ جي استريءَ جو نالو آهي. شايد سوراشٽرا ۾ هيءَ راڳڻي گهڻو ڳائڻ ۾ ايندي هئي.

’سُرُ ڪيڏارو‘، ’ڪيڏارو‘ سنسڪرت لفظ ’ڪيدار‘ جو بگڙيل روپ آهي. ’ڪيدار‘ جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي ’جنگ جو ميدان‘. ’ڪيداري‘، ديپڪ راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهي.

سُرُ سارنگ. ’سارنگ‘ ’ميگهه‘ راڳ جي الن پٽن مان هڪ آهي ۽ ڪن جو خيال آهي ته ’سارنگ پکي‘ جي آلاپن سبب هن سُرُ تي اهو نالو رکيل آهي.

سُرُ آسا. ’آسا‘ آسر جو ڳائبي آهي. هيءُ هڪ ملي راڳڻي آهي.

سُرُ رِپ ’رِپُ‘ مطلب آفت. هن سُرَ ۾ عاشقن جي اندر جي جهوريءَ جو بيان آهي جيڪا جهوري سدائين عاشقن کي لڳل آهي.

’سُرُ ڪاهوڙي‘. هن سُرُ جو مضمون موجب نالو آهي.

’سُرُ بروو سنڌي‘ هڪ راڳڻي آهي جنهن کي ڪجهه سنڌي رنگ ڏيئي ڇيو ويو آهي.

’سُرُ رامڪلي‘، هنڊول راڳ جي هڪ راڳڻي آهي،

’سُرُ ڪاپائتي‘ ’ڪاپائتي‘ معنيٰ ڪتڻ واري. هيءُ سُرُ مضمون موجب آهي جو هن سُر ۾ ڪَتَڻَ ۽ ڪتڻ وارين جو بيان آهي.

ڪلياڻ‘ ٻڌائي، ڪلياڻ صاحب اهڙو هڪ ڪرشمو ڪري ڏيکاريو آهي.

پهاڙيءَ جو مان وري شروعات ۾ ڇيل پنهنجي ڳالهه ڪي دهرائيندس ته ڪلياڻ آڏواڻيءَ دوران ايڊٽ ڪيل ۽ هندستان ڪتاب گهر دوران ڇاپيل ’شاهه جو رسالو‘ شاهه جي ڪلام کي موجود ڪري ڏيڻ ۾ ڪافي اهم ڀومڪا ادا ڪئي آهي. ڪلياڻ صاحب هن رسالي جي مهتمميءَ ۾ الڳ ڀورهيو ڪيو آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ رسالي کي وڌ ۾ وڌ سولو ۽ سؤڌو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ رسالي مان ڪلياڻ صاحب جي مهتمميءَ جي اعليٰ معيار جو ڪو ثبوت ڪونه ٿو ملي. ها، رسالي تي ڀورهيو اهڙو الڳ ڪيو ويو آهي.

ڪيتر ۾ سنڌي ديوناگريءَ ۾ ئي لکي وڃي.

ليکڪ ۾ ظاهر ڪيل ڪن راين بابت متڀيد ڪونهي. جيئن ته ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ان جي وگيانڪ اڀياس جي ضرورت آهي؛ سنڌي سنسڪرت جي خاندان جي ٻولي آهي؛ سنڌي سنلڪ ۽ ٽرمپ وڏا ودوان هئا ۽ سنڌيءَ بابت ڪيل سندن ڪم وڏي معيار جو آهي؛ سنڌيءَ جي موجوده لپي ۱۸۵۳ ۾ لاڳو ٿي ۽ ان جي لاڳو ڪرڻ پٺيان تعليم کان وڌيڪ راڄنيتي مراد هئي، موجوده سنڌي عربي لپيءَ جو آڌار عربي لپيءَ جا ڪجهه اکر آهن ۽ باقي ٻيا اکر ٻنهن ترتيب جي جوڙيا ويا آهن.

پر ليکڪ ۾ مڃين حقيقتن کان سواءِ ٻيون به ڪي ڳالهيون آهن جن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي.

هيءَ ليک گنڀيرتا سان پڙهي وڃڻ کان پوءِ اها ڳالهه ظاهر ٿي ٿئي ته ليکڪ کي يا ته ڀاشا جي وگيانڪ اڀياس خواه ڀاشا ۽ لپيءَ جي سنٻنڌ بابت وزناڻي ڄاڻ ڪانهي يا ته هن ليک لکڻ ۾ هو ان ڄاڻ جو فائدو نه وٺي سگهيو آهي.

سڀ کان پهرين ڳالهه ته ڀاشا جي وگيانڪ اڀياس جو مطلب اهو ڪونهي جيڪو ليکڪ سمجهي ٿو. ليکڪ جي خيال موجب شبدن جا بڻ-بنياد ڳولهڻ ئي رڳو ڀاشا جو اڀياس آهي. حقيقت ۾ ڀاشا جي وگيانڪ اڀياس جا انيڪ پهلو آهن. ڀاشا جو اتهاسڪ اڀياس، ڀاشا جي اڀياس جو هڪڙو پهلو آهي. شبدن جا بنياد ڳولهڻ ان اتهاسڪ اڀياس جو هڪڙو حصو آهي. ان ڪري ڀاشا جي اڀياس کي شبدن جي بنياد ڳولهڻ تائين محدود سمجهڻ لاشڪ غلطي آهي. مان هتي ليکڪ جو ڌيان هڪ اهم حقيقت ڏانهن ڇڪائڻ ٿو چاهيان؛ جا ڳالهه آهي شبدن ۽ ڀاشا جو واسطو. اها ڳالهه چڱيءَ طرح سان ڌيان ۾ وهارڻ گهرجي ته شبدن کي ڀاشا نه ڄڻيو آهي. شبد ڀاشا جي پيدائش آهن يا ٻوليءَ جي رڻا کي سمجهڻ جو ساڌن آهن،

تازو ’سنڌو پارٽي - بمبئي‘ طرفان ’سنڌو ڌارا‘ نالي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو شايع ٿيو آهي جيڪو ڇپائيندڙن جي لکڻ موجب ’سرل سنڌي لپيءَ‘ ۾ ڇپيل آهي. سرل سنڌي لپيءَ جو مطلب ڏنل آهي اها لپي جنهن ۾ سنڌي لپيءَ جي اُلن اکرن - ذ، ض، ظ؛ ث، ص؛ ح؛ ط؛ ق جو استعمال ڪيل نه آهي. يعني هن لپيءَ ۾ ز، ذ، ض، ظ جي بدران رڳو ’ز‘، س، ث، ص جي بدران رڳو ’س‘، ه، ح جي بدران رڳو ’ه‘، ت ط جي بدران رڳو ’ت‘، ۽ ڪ، ق جي بدران رڳو ’ڪ‘ جو استعمال ڪيو ويو آهي. ان ڪري سرل سنڌي لپيءَ ۾ ’ذرو‘ کي ’زرو‘ ضامن کي ’زامن‘ ۽ ’ظلم‘ کي زلم لکيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح اِن سان لپيءَ ۾ ’بحث‘ لفظ ’بهس‘ ۽ ’صندوق‘ لفظ ’سندوڪ‘ لکي پيو آهي.

مان هتي هن مجموعي جي ڪهاڻين بابت ڪجهه نه چئي رڳو ’سرل سنڌي لپي‘ بابت ڪجهه چوندس.

لوڪشاهي سرشتي ۾ هر ڪنهن شخص کي پنهنجي ڳالهه چوڻ جو حق آهي ۽ انساني آزادي جو اهو هڪ اهم انگ آهي، ان ڪري جي ڪن سڄڻن جي من ۾ سنڌي لپيءَ کي سرل يا سولو ڪرڻ جو خيال آيو آهي ۽ انهن پنهنجي ويچار کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ سرل سنڌي لپي چئي ويندڙ لپيءَ ۾ رچنائون ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي ته اهو هندستان جهڙي لوڪشاهي سرشتي واري ملڪ ۾ ڪيل هڪڙو سڀاويڪ وهنوار آهي جنهن تي پريشان ٿيڻ جو ڪو ڪارڻ ڪونهي. اهڙي قسم جون ٻيون به ڪيتريون ڪوششون ٿينديون

استعمال ۾ اچي ٿي اها هميشه گهڻو بدلجندي رهي ٿي پر لپي جيڪا هڪ دفعو ڪنهن ٻوليءَ جڙي ٿي ان ۾ ڪا نالي طور تبديل ٿئي ٿي. ان جو مکيه ڪارڻ اهو آهي ته لپي ٻولي کي قائم رکڻ جو ساڌن آهي. لپيءَ جي مدد سان زباني ٻولي، لکيل روپ وٺي ٿي ۽ ان کي ساهتيه چئجي ٿو. زباني ٻوليءَ رڳو اهو لازمي آهي ته اها ڳالهائڻ وقت سمجهي وڃي پر لکيل ٻولي لاءِ اهو لازمي آهي ته اها صدين تائين قائم رهي ۽ ان ٻوليءَ سماج جي هر دور ۾ سمجهي وڃي. ان ڪري لپيءَ سان لڳاتار ساڳيو رهڻ جو شرط لاڳو ٿئي ٿو ۽ لپيءَ ۾ تڪڙي ڦيرڦار نٿي ڪري سگهجي.

اهوئي ڪارڻ آهي جو گهڻين ئي ڪمين جي باوجود ڪنهن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ لپي بدلائڻ لاءِ تيار نه ٿيندا آهن جو ائين ڪرڻ سان نون سکندڙن جو پنهنجي سموري اول جي لکيل ساهتيه سان ناتو ٽٽي ويندو آهي. جيڪو ڪنهن به جاتي لاءِ بيحد گهاتڪ آهي. اهو عالم آشڪار آهي ته چرچل (يا ڪنهن ٻئي انگريز عالم) ائين چيو هو ته شيڪسپيئر کي ڇڏڻ جي بدران انگلنڊ هڪ هندستان ته ڇا سؤ هندستان به ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيندو. اها ڳالهه به مشهور آهي ته برنارڊشا پنهنجي وصيت ۾ لکي ويو آهي ته جيڪو سڄي انگريزيءَ لاءِ ڪم ايندڙ رومن لپيءَ کي سڌاري انگريزي ڳالهائڻ واريءَ ٻوليءَ جي برابر ڪري ان کي سندس سموري ملڪيت ڏني وڃي پر اڃا تائين ڪنهن انگريز رومن لپيءَ کي سڌارڻ جي لياقت يا جرئت (ياحماقت!) نه ڪئي آهي.

اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته دنيا ۾ ڪا به اهڙي لپي ڪانهي جا پنهنجيءَ ٻوليءَ سان پوريءَ طرح سان ٺهڪيل ٺهڪيل هجي. هنديءَ لاءِ ڪم ايندڙ ديوناگري لپي هنديءَ کي ڪافي ويجهو آهي ۽ دنيا جي سڀني وگيانڪ لپين مان هڪ آهي پر سڌار

جي خيال کان ان ۾ پڻ گهٽتائي نظر اچي ٿي، جن کي دور ڪرڻ لاءِ انيڪ ڀيرا ڪوششون ڪيون ويون آهن پر رڳو اوترا سڌار ئي ممڪن ٿي سگهيا آهن جيڪي لپيءَ جي بنيادي روپ کي نه بدلائين ۽ پراچين ساهتيه پڙهڻ ۾ رڪاوٽ پيدا نه ڪن. مثال طور ديوناگريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ऋ جو هندي ۾ هاڻي اڳئين اُچار نه ٿيندو آهي. ديوناگري ورڻ क्ष, त्र, ज्ञ به گڏيل وينجن آهن جن جو ڪو الڳ اُچار ڪونهي (جيئن क्ष يا क्ष) پر ان هوندي به اُهي سڀ ورڻ هندي سکندڙن لاءِ ديوناگري لپيءَ ۾ قائم آهن ۽ ڪير به انهن کي ديوناگري لپيءَ مان هٽائڻ لاءِ تيار نه ٿيندو.

هتي اهو به پڇڻ گهرجي ته جن الڳ اکرن کي سنڌي لپيءَ مان ڪڍڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي، انهن جي سکڻ سان، سکندڙ کي آخر ڪهڙي ڏکيائي ٿيڻي آهي؟ سکندڙ کي اُهي لفظ ياد رکڻا پوندا جن ۾ اهي اٺ اکر اچن ٿا. سوال آهي ته اهڙا عام فهم لفظ گهڻا آهن جن ۾ اهي اٺ اکر استعمال ٿيندا هجن؟ مون اهڙن لفظن جي ڳڻپ ڪانه ڪئي آهي پر مون ڪشميري ڀاشا لاءِ ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندڙ هڪ ودوان کان پڇيو هو جنهن ٻڌايو هو ته لڳ ڀڳ ٻه سؤ اهڙا چالو لفظ آهن جن ۾ انهن اکرن جو استعمال ٿئي ٿو. هن اهو به ٻڌايو ته هنن ڪشميري سکندڙن لاءِ اهڙي لسٽ تيار ڪئي آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ڪشميري ڀاشا عام طرح سان اردو لاءِ ڪم ايندڙ لپيءَ ۾ لکي ويندي آهي ۽ ان ۾ سنڌيءَ وارا ساڳيا اٺ اکر آهن ۽ ڪشميري ڀاشا ۾ انهن اکرن لاءِ سنڌيءَ وانگر ڪو آواز ڪونهي. منهنجي خيال موجب اهڙن لفظن جو انداز گهڻو نه هوندو. مثال طور پرمانند جي ڊڪشنريءَ ۾ 'ذ' سان شروع ٿيندڙ لفظ ڪل ١٢ آهن جن مان مکيه آهن ذات، ذائقو، ذرو، ذڪر،

ذلت، ذمو، ذوق ۽ ذهن. ساڳيءَ طرح سان ’ظ‘ سان شروع ٿيندڙ چالو لفظ آهن، ظالم، ظلم، ظاهر.

هاڻي جڏهن هندستاني ماڻهوءَ کي انگريزيءَ جي لڳ ڀڳ هر لفظ جي هجي ياد ڪرڻي پوي ٿي ۽ انگريزيءَ جي وڏي ۾ وڏي ودوان کان به هجي جون چوڪون ٿيڻ جي سمڀاونا رهي ٿي تڏهن سنڌي لپي سکڻ واري جيڪڏهن ڪجھ سَوَن لفظن جي هجي ياد ڪرڻ جي تڪليف ورتي ته ان ۾ ڪهڙي خاص ڳالھ آهي؟ آخر ڪوبه شخص ڪائي لپي ڇو ٿو سکي؟ هرڪو شخص ڪابه لپي ان ڪري ٿو سکي ته جيڪي ڪجھ ان لپيءَ ۾ لکيل آهي اهو پڙهي سگهي ۽ جيڪي ڀاڳ لکي اهو ان لپيءَ کي ڄاڻندڙ پڙهي ۽ سمجهي سگهن جيئن اهو شخص ڀاڳ کي ان واسطيدار ڀاشا-لپي سماج سان جوڙي سگهي. سرل سنڌي لپي سکندڙ شخص ان سهوليت کان وانجهجي ويندو. جهڙيءَ ريت رڳو ديوناگري سکيل سنڌي شخص، سنڌي لپيءَ ۾ لکيل سموري سنڌي ساهتيہ کان وانجهجي ويو آهي ساڳيءَ طرح سان سرل سنڌي لپي سکندڙ شخص ۵۲ اکرن ۾ لکيل سموري سنڌي ادب کان محروم ٿي ويندو. هو نه رڳو سنڌيءَ جو آڳاٽو ساهتيہ نه پڙهي سگهندو پر موجوده وقت ۾ پيدا ٿيندڙ سنڌي ادب جي پڻ ڪيس ڪا ڄاڻ نه رهندي ۽ نه وري سرل سنڌي لپيءَ ۾ لکيل سندس رچنا کي سنڌي لپي جڳت ۾ ڪا جاءِ ملندي. اهڙيءَ ريت هو سنڌي لپي سکڻ جي باوجود سنڌي پڙهيل نه ليکبو ۽ ان ڪري هو سنڌي لپيءَ کان ٿي نه سنڌي ساهتيہ کان ٿي پري رهجي ويندو. سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جي جهڳڙي سموري سنڌي جاتيءَ کي ملي کان پيرن تائين ٻن حصن ۾ ڪٽي ڇڏيو ۽ ان سبب سنڌي جاتيءَ خاص ڪري سنڌي تعليم ۽ ٻوليءَ کي جيڪو ڇيهو رسيو آهي اهو

ڪنهن ڪان لڪل ڪونهي. هيءَ سرل سنڌي لپيءَ جي ڪوشش، سنڌي لپي جاڻندڙ طبقي کي وري ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش آهي. جيڪڏهن هيءَ سنڌي جاتيءَ کي اڃان به ورهائي ڪمزور ڪرڻ جي سازش نه آهي ته پوءِ هيءَ بيحد ئي اپالپ پريو قدم آهي. اڄ جڏهن سنڌي جاتي تهذيبي طرح سان يڪمشت ٿيڻ لاءِ ڪشمڪش ڪري رهي آهي، جڏهن سنڌي جاتيءَ جي تهذيبي سڃاڻپ سنڪٽ ۾ پئجي رهي آهي ۽ سنڌي ٻولي جو وجود خطري ۾ پئجي ويو آهي، تنهن وقت جاتيءَ کي ورهائڻ جي هيءَ ڪوشش، هڪ قسم جو آپگهاتي قدم آهي.

حالي هڪ بيحد اهم سوال.

ڇا اهڙو ڪو طريقو آهي جنهن سان سنڌي لپي سکڻ کي سولو به بڻائي سگهجي ۽ ساڳئي وقت سنڌي لپي سکندڙ سنڌي سموري سنڌي ساهتيه سان به جڙيو رهي؟ ها، اُهو نه رڳو ممڪن آهي پر اهوئي طريقو اڄ ڪلھ استعمال ڪرڻ گهرجي. 'اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' آديپور جي طرفان سنڌي لپي سيکارڻ لاءِ اڄ ڪلھ جيڪا سامگري تيار ڪئي پيئي وڃي ان ۾ ان سڌانت کي به سامهون رکيو ويو آهي ته نئين سکندڙ تي شروع ۾ ڪو غير واجبي بار نه پوي پر ساڳئي وقت هو سنڌيءَ ۾ لکيل ادب پڙهي به سگهي ۽ سنڌي پڙهيل - لکيل سماج سان پاڻ کي جڙيل به محسوس ڪري.

سنڌي جاتي، جيڪا اڳ ئي سڄي هندستان ۾ ٽڙيل-پکڙيل هئڻ سبب ٽڪرا-ٽڪرا ٿئي پيئي آهي ان کي تهذيبي ۽ تعليمي سطح تي وري وڌيڪ ٽڪرا ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش اڄ جي حالتن ۾ بيحد نقصانڪار ثابت ٿيندي، ان ڪري سنڌي جاتيءَ جي سڀني گهڻگهرن کي ان قسم جي ڪوشش ڪرڻ کان پري رهڻ گهرجي.

اڄين تہ ’وقت‘ هڪ لڳاتار وهندڙ ڌارا آهي جنهن کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ صحيح نہ آهي پر انسان پنهنجيءَ سهوليت لاءِ وقت کي ڏينهن، مهينن، سالن ۽ صدين ۾ ورهاريو آهي. هڪ صديءَ مان ٻيءَ صديءَ ۾ وڃڻ جو احساس پنهنجو پاڻ ۾ هڪ لرزش پيدا ڪرڻ وارو احساس آهي، ان ڪري جڏهن ٢٠ صديءَ مان ٢١ صديءَ ۾ وڃي پهچڻ جو تصور ٿو ڪجي تہ هڪ قسم جي ڊِڄ محسوس ٿئي ٿي.

گذريل ٽن-چئن ڏهاڪن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي کيتر ۾ حيرت انگيز ترقي ٿي آهي، ان ڪري اڄ جي جڳ کي ڪي سائنس جو جڳ ٿا چون تہ ڪي ٽيڪنالاجيءَ جو جُڳ، پر سچ اهو آهي تہ اڄ جو جڳ آهي سوچنا ۽ سوچنا جي ڦهلاءَ يعني ڪميونيڪيشن جو جڳ. اڄ دنيا جي اندر بيحد تکڙيون تبديليون ٿي رهيون آهن ان ڪري اڄ ڪلهہ سوچنا جي ڦهلاءَ يعني ڪميونيڪيشن جا اهڙا وسيلا ايجاد ٿي رهيا آهن جن جي دواران گهٽي ۾ گهٽي سوچنا، ٿوري وقت جي اندر، دور دور تائين پهچائي سگهجي. تار، تند بنان تار، ٽيليفون، ٽي.وي. ٽرانزسٽر، اپگرهہ وغيره سڀ سوچنا ڦهلاءُ يا ڪميونيڪيشن جا واهڻ آهن. ايندڙ ڪميونيڪيشن جي اڄان بہ وڌيڪ سوکيرا وسيلن جو وڪاس ٿيندو ۽ هلندڙ صديءَ ۾ ٿي شايد هر شخص جي کيسي ۾ هڪ جيبي ڪامپيوٽر ۽ جيبي ڪميونيڪيشن مشين هوندي جن جي مدد سان هرڪو شخص سڄي سنسار ۾ ڪنهن بہ ٻئي شخص سان ڳالهائي سگهندو ۽ کيس ڳالهائيندو ڏسي سگهندو.

سُوال ٿو اُٿي ته سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ، خاص ڪري ڪميونيڪيشن جي نون وسيلن جي ايجاد جو ٢١ صديءَ جي ٻاشا تي ڪهڙو اثر پوندو؟ ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ٢١ صديءَ جي ٻاشا ۾ جيڪي تبديليون اينديون، انهن جو ڇا ڪوئي انومان ڪري سگهجي ٿو؟

ان سوال جو جواب ڳولهڻ کان اول خود ٻاشا کي سمجهڻ ضروري آهي.

ٻاشا ڇا آهي؟ ٻاشا ويچارن جي اظهار ۽ ويچارن جي ڏي-وٺ جو وسيلو آهي. ان ريت ٻاشا به ڪميونيڪيشن جو هڪ سرشتو آهي. ٻاشا اُچاريل آوازي علامتن ۽ انهن علامتن جي گڏجڻ سان لهيل الڳ الڳ قسم جي ايڪن جو مجموعو آهي. اُچاريل آوازن مان لفظ جڙن ٿا، لفظن مان فقرا ۽ فقرن مان جملا. جملن جي ذريعي ئي ويچار اظهار پائي ٿو.

ٻاشا رڳو هڪ ڪميونيڪيشن جو سرشتو نه آهي، ٻاشا هڪ سماجڪ وهنوار به آهي، ڇو ته ٻاشا جو استعمال ڪندي اهو ڏيان رکڻ ضروري آهي ته ڪير، ڪنهن سان، ڪٿي ۽ ڪهڙي موضوع تي ڳالهائي رهيو آهي. ان کان سواءِ ٻاشا ڪنهن جاتيءَ جي سڃاڻپ جي نشاني ۽ تهذيب جي ڏي-وٺ جو واهڻ به آهي. مثال طور سنڌي ٻاشا سنڌين جي پاڻ ۾ ويچارن جي ڏي-وٺ جو ساڌن ۽ سنڌين جي سماجڪ وهنوار جو هڪ حصو آهي. سنڌي ٻاشا سنڌين جي سڃاڻپ جي هڪ نشاني ۽ سنڌيت کي سنڀالي رکڻ جو وسيلو آهي.

٢١ صديءَ جي ٻاشا ۾ جن تبديلين جي ٿيڻ جو انومان آهي، انهن جو ذڪر ڪرڻ کان اول اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته استعمال ۾ ايندڙ هر ڪنهن ٻاشا ۾ هميشه تبديل ٿيندي رهندي آهي، پر

عام حالتن ۾ اها تبديل ايتري ڌيمي رفتار سان ٿيندي آهي جو اها محسوس نہ ٿيندي آهي پر جڏهن ڪا جاتي يا سماج ڪنهن بحران مان گذري رهي هوندي آهي ۽ ان ۾ تکڙيون تبديليون اينديون آهن تڏان جو اثر ان جاتيءَ جي ٻاشا تي بہ پوندو آهي ۽ ٻاشا ۾ تبديل جي رفتار تيز ٿيندي آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي حيرت انگيز واڌاري سبب اَڄ سڄي دنيا هڪ بحران مان گذري رهي آهي. اڄ سڄي دنيا ۾ تمام تکڙيون تبديليون ٿي رهيون آهن جن جو اثر سڄي دنيا جي ٻاشائن تي پئجي رهيو آهي ۽ اڃان وڌيڪ پوندو. ان حوالي ۾ ٢١ صديءَ جي ٻاشا کي ڏسجي تہ ان ۾ ٿيندڙ ڪن تبديلين جو ٿورو انومان لڳائي سگهجي ٿو.

ٻاشا ۾ سڀ کان پهرين تبديل ان جي لفظن يعني شبداوليءَ ۾ ٿيندي آهي. ٢١ صديءَ جي ٻاشا ۾ بہ شبداوليءَ ۾ ڪافي گهڻي تبديل ٿيڻ جو انومان آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سبب انيڪ نيون شيون ۽ نيون ڌارڻائون جنم وٺي رهيون آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ انهن ۾ اڃان بہ واڌارو ٿيندو. اُنهن شين ۽ ڌارڻائن سان واسطو رکندڙ انيڪ نوان لفظ جنم وٺندا ۽ ٻاشا جو حصو بڻجندا. اڄ جيڪي لفظ ٽيڪنيڪل ۽ وصفي ٿا لڳن اُهي واهپي وٺڻ سبب عام فهم ٿي ويندا. هرهڪ ٻاشا ۾ اهڙن ٽيڪنيڪل ۽ وصفي لفظن جو تعداد وڌي ويندو ان ڪري عام يا ساڌارڻ لفظ ٻاشا ۾ گهٽجڻ لڳندا. ڪيترائي پراڻا يا جهونا لفظ استعمال نہ ٿيڻ سبب ٻاشا مان نڪري ويندا يا غير مروج سمجهيا ويندا. جيئن اڄ ڪلهہ هندستان ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌيءَ ۾ ڳرار، ڪاسو، ٽويو، ٻاٽي، يا آڏيلو، ٻياني، ٻاٽي وغيره جهڙا ڪيترائي لفظ رهيا ئي ڪونهن. نين حالتن جو اهو بہ اثر پوندو تہ ڪيترا ئي لفظ پنهنجيون پراڻيون معنائون ڇڏائي نيون معنائون حاصل ڪندا. مثال طور ڪڏهن 'آڪاشواڻي'

لفظ جي معنيٰ هئي ’ازغيبي آواز‘، پر اڄ ان جي معنيٰ آهي ’آل انڊيا ريڊيو‘. لفظن جي حوالي ۾ هڪ ٻي تبديلي ٿيڻ جو امڪان آهي. ٽيڪنيڪل يا وصفي لفظن جي عام طرح سان هڪ ئي معنيٰ ٿيندي آهي. ٻوليءَ ۾ ٽيڪنيڪل ۽ وصفي لفظن جي اضافي سبب ٻوليءَ ۾ گهڻ معنائيءَ وارا لفظ گهٽجڻ لڳندا. ٻوليءَ جي اها حالت ادب، خاص ڪري ڪويتا لاءِ سنڪٽ پيدا ڪندي جو ته وصفي سڀاءُ وارا لفظ ادب، خاص ڪري ڪويتا لاءِ ڪارائتا نه ٿيندا آهن. لفظن جي حوالي ۾ هڪ ٻي به ڳالهه ڌيان ۾ ايندي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي کيتر ۾ جيڪي نيون ڪوجنائون ٿينديون ۽ نوان پدارٿ ايجاد ٿيندا انهن سان واسطو رکندڙ ٽيڪنيڪل ۽ وصفي لفظ گهڻي ڀاڱي دنيا جي گهڻين ئي ٻولين ۾ ساڳيا هوندا. جيئن اڄ ڪالهه استعمال ٿيندڙ ٽيليفون، ريڊيو، ٽي.وي.، ڪلڪيوليٽر، ڪمپيوٽر وغيره جهڙا لفظ رڳو ڀارت جي ٻولين ۾ ئي نه، دنيا جي لڳ ڀڳ سڀني ٻولين ۾ موجود آهن. آمدرفت جي وسيلن جي رفتار وڌڻ سبب دنيا جي دوري گهٽجي ويندي. ان ڪري جدا جدا ملڪن جي ماڻهن جو هڪ ٻئي سان واسطو وڌندو. ان جو اثر اهو ٿيندو جو ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ داخل ٿيندا. سڄي دنيا جي ماڻهن جي هڪ ٻئي سان واسطيداري وڌڻ سبب ڪنهن هڪ ئي ٻوليءَ جي ضرورت محسوس ٿيندي جيڪا ’ڳانڍو ٻولي‘ يا ’لنڪ لئنگويج‘ جو ڪم ڪري سگهي.

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي واڌاري سبب گيان يا ڄاڻ جي الڳ الڳ شاخن جو وڪاس ٿيندو ۽ سماج ۾ ٻوليءَ جي وهنوار جا نوان-نوان کيتر پيدا ٿيندا. انهن نون کيترن سان واسطيدار مخصوص لفظن يعني شبداوليءَ ۽ مخصوص جملن يعني واڪياوليءَ جو استعمال ٿيڻ لڳندو. مثال طور قاعدي-قانون جي کيتر ۾ جيڪو لفظن ۽ جملن جو

دوستو،

اڄ جنهن وشيہ تي مان ڳالهائڻ وارو آهيان يا چوان تہ توهان سان گفتگو ڪرڻ وارو آهيان، اهو وشيہ هڪ طرف منهنجي پسنديءَ جو وشيہ آهي ۽ ٻئي طرف اهو منهنجي سڀاو لاءِ مونجهاري جو وشيہ آهي، ڇو تہ منهنجو اڀياسي سڀاو ۽ تنقيدي رخ، هر وشيہ کي تُز نموني سمجهڻ ۽ تز نموني چوڻ چاهيندو آهي، پر اڄ جنهن وشيہ سان منهنجو واسطو آهي ان بابت تُز نموني چوڻ تہ پري رهيو، ڪنهن پڪي پختي نموني چوڻ بہ ڏکيو آهي - يا گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ ڏکيو آهي. ان ڪري اڄ مان توهان اڳيان جيڪي ويچار پيش ڪندس اُهي ڪنهن لچيل لُڪيل سڌانت (Well defined theory) موجب نہ هوندا. ٿي سگهي ٿو تہ اُهي غير اپوادي (non exceptional) رايا بہ نہ هجن. حقيقت ۾ اُهي هڪ قسم جون اڪيڊيمڪ جاچنائون هونديون يا وري شخصي سوچ جا ٽڪرا هوندا - يعني اُهي ڪنهن سموري سوچ جي سلسلي ۾ بہ نہ هوندا. پر وشيہ جو حيءُ مونجهارو وشيہ بابت وڌيڪ سوچڻ ۽ سوچ کي وندڻ لاءِ همٿائي ٿو.

هاڻي وشيہ جي عنوان تي نظر وجهون. عُنوان آهي ’ساهت سرجڻ جا سَرچشما‘. هن عنوان ۾ آيل ’ساهت‘ شبد تي ويچار ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي جو توهان مان گهڻا ساهت رچنا ڌرم نباهيندڙ شخص آهن، ها باقي ’سرجڻ‘ ۽ سَرچشما‘ لفظن بابت وضاحت ڪرڻ ضروري آهي.

هتي ’سرجَڻ‘ شبد انگريزي شبد Creation جو هم معنيٰ شبد آهي ۽ انگريزيءَ ۾ Creation جون ڊڪشنريءَ موجب مکيہ معنائون

جي ڪلا، وڪرو وڊائڻ جي ڪلا وغيره) به شامل ڪيون ويون آهن.

للت ڪلائن ۾ عمارتي ڪلا کي سڀ کان گهٽ درجي جي ۽ ساهتيہ يا ڪاويہ کي سڀ کان اعليٰ درجي جي ڪلا مڃيو ويندو آهي. للت ڪلائن جي ان درجي بنديءَ جو آڌار ڪلا-ماڌيم تي آهي. ڪلا جي ماڌيم روپ ۾ استعمال ٿيندڙ مال جيترو لوس ۽ مقدار ۾ گهڻو هوندو، ڪلا اوترو ئي گهٽ درجي جي ڳڻي ويندي. عمارتي ڪلا ۾ سرون، مٽي، ريتيءَ جهڙا لوس پدارٿ گهڻي مقدار ۾ استعمال ٿين ٿا، ان ڪري اها گهٽ درجي جي ڪلا آهي ۽ ساهتيہ ۾ شبد جهڙي سوکيم پدارٿ جو استعمال ٿئي ٿو ان ڪري اها اعليٰ ڪلا ليکي وڃي ٿي.

للت ڪلائن کي هنري ڪلائن کان الڳ ڪرڻ جو مکيہ آڌار هوندو آهي 'اُديش' يا 'هيتو' (Pupose). للت ڪلا جو اُديش 'آتم اظهار' هوندو آهي ۽ ان ڪري اُن جي پورڻتا، اُن ترپتيءَ ۾ هوندي آهي جيڪا اظهار جي رچناگت پورڻتا مان حاصل ٿيندي آهي؛ جڏهن ته هنري ڪلا جو اديش اپيوگ هوندو آهي ۽ ان ڪري ان جي پورڻتا اپيوگ سِڌيءَ تي آڌار رکندي آهي.

'ساهت سرجڻ' مول روپ ۾ ساهت گت آتم اظهار آهي. اهو هڪ طرح سان 'پاڻ' مان ٻيو پاڻ رچڻ جي پرڪريا آهي. پاڻ مان ٻيو پاڻ رچڻ جي هيءَ پرڪريا ئي سرجڻ آهي. رچناڪار هڪ آهي - اهو جِڪُ پاڻ کي 'بهو' روپ ۾ اظهاري ٿو. ان ڪري سچي سرجڪ ساهتڪار جي هر رچنا اصل ۾ ان رچناڪار جوئي ٻيو روپ هوندي آهي. حقيقت ۾ ساهت سرجڻ به هڪ قسم جي ڪلوننگ (Clonning) يا قلم بندي آهي. ڪلوننگ ۾ شرير جي ڪنهن به ننڍڙي حصي - وارن جي ڇڳہ يا چمڙيءَ جو ٽڪر کڻي ان مان هڪ پورو واسطيدار پراڻي خلقي سگهجي ٿو - ساڳيءَ طرح سان ساهتڪار پنهنجي اندر جي ڪنهن حصي کي کڻي ان مان هڪ پوري رچنا ڪري ٿو. ڪلوننگ

۾ جيڪي لهرون پاڻيءَ جي سطح تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، انهن جو اصلي ڪارڻ پاڻيءَ جي اندر ٿيندڙ تبديل ۽ وِلوڙ آهي. سطح تي لهرن جي روپ ۾ انهن جو رڳو اظهار آهي. پر سمنڊ ۾ ٻاهران پٿر اڇلائي يا هلراڏو ڌماڪو ڪري به لهرن کي اُڀاري - اظهاري سگهجي ٿو. هوا جو سطح تي زوردار نموني گسڻ به لهرن کي پيدا ڪري سگهي ٿو، پر اِن هوندي به لهرن جي سرجڻ جو سرچشمو ته سمنڊ جي اندر ٿيندڙ ولوڙ آهي.

ساهتڪار کي سرجڻهار چوڻ جي پٺيان بنيادي سڌانت اهو آهي ته ساهت جو سرجڻ زمين جي اندر پيل ٻج مان سلو ٻڄجي ٻاهر ڦٽڻ ۽ سلي مان ٻوٽو-وڻ ٻڄجڻ جي برابر آهي. يا استريءَ دواران جيون - بوند کي جهلي ان مان ٿيندڙ جيون جو نسرڻ، اُسرڻ ۽ ٻالڪ جي روپ ۾ اظهار پائڻ جي برابر آهي. جهڙيءَ طرح سان ڌرتي گرهڻ ڪرتا (receiver) ۽ سرجڻ ڪرتا ٻئي آهي، يا استري هڪ ئي وقت گرهڻ ڪرتا ۽ سرجڻ ڪرتا آهي، ساڳيءَ طرح سان ساهتڪار هڪ ئي وقت جيون جي ڀاو-انيو جو گرهڻ ڪندڙ ۽ ان گرهڻ ڪيل ڀاو-انيو کي جيون درشٽي جي حوالي ۾ سرجڻ ڪري اظهار ڪندڙ آهي.

هتي هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي ۽ اُها ڳالهه اِها آهي ته سرجڻ جي آڌار جو ڦلدايڪ هئڻ لازمي آهي. جيڪا ڌرتي ڪلرالي، ويران يا بنجر آهي، ان ۾ يا ته ٻج ڦٽندو ڪونه، جي ڦٽندو به ته ان مان ڪو سگهارو سلو-ٻوٽو نه اُپرندو. سنڍ استريءَ ۾ ڇٽيل جيون بندو-جيون ڦل جو روپ ڌارڻ نه ڪندا- ساڳيءَ طرح سان جي رچناڪار جي پرورتي سنويدن شيل نه هوندي ۽ سندس منو يومي ڀاوميه نه هوندي ته ان ۾ نه ته اندر جي ڀاو سنگهرش مان ڪا ولوڙ پيدا ٿيندي ۽ نه ڪو ٻاهريون گهٽنا-انيو ان ۾ ڪا وڏي اُٿل پٿل پيدا ڪري ان مان آڪاش کي ڇهندڙ لهرون پيدا ڪري

نسبتي گهٽ معياري هئڻ جو حڪ وڏو ڪارڻ سنڌي ادب ۾ محا ڪاوين، ناولن ۽ ناٽڪن جي کوٽ آهي جن جي رچنا ۾ جيون کي پورو اظهار ملندو آهي.

اُين چئي مان پنهنجي ڳالھ پوري ڪندس تہ ساهت سرجڻ جي پرڪريا جو مطلب ڪلپنا دواران پاڻ مان پيو پاڻ خلقڻ آهي. جنهن جو مقصد انساني جيون ۾ سمايل ايڪاتمڪتا کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ آهي.

ساهت سرجڻ جو مول سرچشمو رچناڪار خود هوندو آهي. ساهت سرجڻ جي پرڪريا جو مول ساهتڪار جي اندر جي ولوڙ هوندي آهي جيڪا ساهتڪار جي ڀاوُ ڀومي ۾ پيدا ٿيندڙ سڀاوڪ سنگهرش مان پيدا ٿيندي آهي پر ٻاهريان واقعا ساهتڪار جي اندر واري ولوڙ کي اُڀارڻ ۾ ڪارڻ بڻجي سگهندا آهن.

Re. No. MAH. 745 TNA 3
Licence to Post-Pre payment Licence No. 3-5

**SINDHI TIMES**
(Registered as a Newspaper in India
Registered No. 6372/62

... ساهتڪار کي سرجڻهار چوڻ جي پٺيان بنيادي سڌانت اهو آهي تہ ساهت جو سرجڻ زمين جي اندر پيل ٻج مان سَلو بڻجي ٻاهر ڦُٽڻ ۽ سَلي مان ٻوٽو بڻجڻ جي برابر آهي. يا استريءَ دوارانِ جيون-بوند کي جهتي ان مان جيون جو نسرڻ اُسرڻ ۽ ٻالڪ جي روپ ۾ اظهار پائڻ جي برابر آهي. جهڙيءَ طرح سان ڌرتي گرهڻ ڪرتا ۽ سرجڻ ڪرتا ٻئي آهي؛ يا استري هڪ ئي وقت گرهڻ ڪرتا ۽ سرجڻ ڪرتا آهي؛ ساڳيءَ طرح سان ساهتڪار هڪ ئي وقت جيون جي ڀاو-انڀو جو گرهڻ ڪندڙ ۽ ان گرهڻ ڪيل ڀاو-انڀو کي جيون جي حوالي ۾ اظهار ڪندڙ آهي.

- ستيش

# SAHITYA SIRJAN

*By : Satish Rohra*

SINDHI TIMES PUBLICATIONS
(Quarterly Book Series No. 3 - 4 July to Dec. 2005.